# خوشبوءِ جو زهر



تاج بلوچ

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

نالو ڪتاب جو: خوشبوءِ جو زهر
موضوع : شاعري
شاعر : تاج بلوچ
ناشر : ڪلا اڪيڊمي
ڊائيٽل
۽ گرافڪس : فتاح هاليپوٽو
لي آئوٽ : وشال مراد
ڇپيندڙ : جمالي پريس، حيدرآباد
ڪمپوزنگ : غلام محمد ڀٽي
محمد رحيم مَن
ڇپائيءَ جو سال : جون ۱۹۸۷ع
ڇاپو : پهريون
ڳاڻيٽو : هڪ هزار

قيمت:

معياري : ۲۵ روپيا
ڊيلڪس : ۴۰ روپيا

ملڻ جو هنڌ:

ڪلا اڪيڊمي

بي ۱۷، اريڪا گلشن اقبال
بلاڪ: ۱٦، ڪراچي-۴۷
فون: ۴٦۸۳۹۸

# تاج بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خوشبوءِ جو زهر

تاج بلوچ

ڪلا اڪيڊمي
ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظم

بي قافيا نظم

نثري نظم

وايون

گيت

غـزل

عڪس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻڪ جي ناليِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊسمبر ١٩٧٠ کان جون ١٩٨٧

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آدرش

مان چاهيان ٿو ڪلجي
نئين ڪل ڪلجي.

ڪنوارن ۾ نازڪ هٿن تي لڳل-
ٻهڪندڙ، مهڪندڙ تازي مينديءَ جي خوشبو جيان
مرڪ ڦهلائي ڪلجي.
مان چاهيان ٿو ڪلجي
مگر ايئن ڪلجي:
وفا ۾ وطن جي شهيدن جي پيشانين تي-
جئين گهاءَ ٻهڪن.
مان چاهيان ٿو ڪلجي
سچي ڪل ڪلجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماں چاھيان ٿو نچجي
نئون ناچ نچجي.
اُئين جيئن دل جي ٽتل پونء تي.
آپ ـ اکين ماں کو، وڏ ـ ڦڙو ٿي وسي
۽ تپش کان مسلسل نچي.
ماں چاھيان ٿو نچجي
مگر ايئن نچجي:
جو پيرن ۾ مُرڪن جون ڇيريون ھجن ـ
۽ پنھنجي ئي کوسي ۽ تازي لھوء سان
پريل ٿال تي پيو لڳاتار نچجي.
ماں چاھيان ٿو نچجي
سچو ناچ نچجي.

ماں چاھيان ٿو کلجي
سچي کل کلجي.
ماں چاھيان ٿو نچجي
سچو ناچ نچجي.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڌرناءُن

مان هلندس
مان هر حال هلندس
نئين راهه جي هر اڪيلي مسافر سان هلندس
آهو جو، سچائيءَ جي جوهر ڪي ماڻڻ جي خاطر
ڪٺن رهگزارن تان هلندو هلي
پٽون پير جنهن جا ۽ ليڙون لٽا
انهيءَ ساڻ هلندس.

مگر تن سان همراهي ناهي قبول
اهي جيڪي گذريل مسافر جتن جي
لتاڙيل، نشاني ٿيل پيچرن تان
جلوسن جي صورت ۾ هلندا رهن ٿا.

انهن سان هلان!
اهو مون کان پچڻو ئي ناهي!!
مان هلندس
نئين وات تان ۽ نئين وات جي-
هر اڪيلي مسافر سان هلندس.

مان هلندس
مان هر حال هلندس.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# واريا سي جو اڪيلو مسافر

ڪافي پراڻي ڳالهه آهي.

نئون نئون لکڻ لڳا هئاسين. ڇاپڻ لاءِ رسالا هوندا هئا ٿورا. رڳو 'مهراڻ' ۽ 'نئين زندگي' باقاعدگيءَ سان ڇپبا هئا، باقي رسالا ۽ هفتيوار اخبارون ڪڏهن ڪڏهن جهلڪ ڏيکاري وري ٿيپي هٽي هليون وينديون هيون. اسان ڪي ٻه شوق جهلڻ ئي نه ڏئي. ڇئون ته هيڏانهن لکندا هلون ۽ هوڏانهن ڇپبو هلي. پر جو چاهيون سو ٿئي ڪو نه. ان ڳڻتيءَ ڳاري وڌو. مٿان وري تن ڏينهن قديم ۽ جديد جو بحث ڇڙيو پيو هو. سنڌي اديب ٻن وڏن گروهن ۾ ورهائجي ويا هئا. هڪ ڌر چوي ته سنڌي ٻولي ۾ عربي ۽ فارسي لفظ جام وجهي کيس عين اسلامي بنايو وڃي. گل ۽ بلبل، سوسن ۽ سنبل، جام ۽ مينا جي جهالر ٻه لڳائجيس ته جيئن سونهن ۾ سرس ٿئي.

ٻي ڌر چوي ته نه. سنڌي ٻوليءَ جو رشتو ناتو آهي سنسڪرت ۽ هنديءَ سان. ان ڪري لکجي ائين جو سنڌي گهٽ، هندي وڌيڪ هجي. مٿان وري مرچ مصالحو هجيس هندو سڀيتا جو. ايتريقدر جو واقعا ۽ ڪردار پڻ ان سماج جا هجن جيڪو لڏ پلاڻ ويل ملڪ ڇڏي پارت هليو ويو هو. سندن خيال اهو هو ته ائين ڪرڻ سان اسان سنڌي ڳالهائيندڙن جي ان اهم حصي سان تعلق قائم رکي سگهنداسين جو شايد ڪڏهن نه ڪڏهن موٽي اچي اسان سان ملندو.

ان ٻن زورآور ٽولين کان سواءِ ڪو ٻيو ٽيون ٽولو اڃان پيدا ڪو نه ٿيو هو. پهرين ڌر ۾ گهڻي ڀاڱي بزرگ ليکڪ، مذهبي جنوني ۽ سرڪاري سلامي شامل هئا، ان ڪري ٻئي ٽولي کي هو ملحد، ڪافر ۽ ڪميونسٽ وغيره سڏيندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قرب جي ڪڙيءَ ۾ ڦاسي وڃي. سڀ چار اکيان ٻنهو ڏي
گذاريندس. نسيم ڪرل مرحوم سان دل ٻه ڪا دل هوندي هئس.
جهڙو ديوانو. هوڏانهن ڪرل جو ٻه ساڳيو حال. ڪرل ڪراچيءَ
ايندو هو ته، ’آدم ٻو-آدم ٻو‘ بجاءِ ’تاج بلوچ-تاج بلوچ‘
ڪندو ايندو هو.. الائي ڪهڙي تند تار مليل هوندي هين، جو هيڏانهن
ڪرل هوٽل ۾ قدم رکيو، هوڏانهن تاج بلوچ ٻه منهن ڪڍيو.
پوءِ هلنديون هيون ڪچهريون. ڪاچا، پيچا ۽ ڏاڙا ڏڪاءَ.
جهڙو نسيم ڪرل ڪلٽو، رلٽو-ملٽو ۽ گوڙيلو، تهڙو اسان جو
يار تاج بلوچ. هڪڙو هٽي، ٻيو ڪٽي. چا ته جوڙي هئي. چا
ته ادب اپرندو هو انهن چند ڏينهن جي ملاقاتن ۾. نسيم،
خيرپور ۾ لڪي ڪونه سگهندو هو. لڪڻ لاءِ يا ايندو هو
ڪراچي، لاهور يا ڪوهه مري. هيڏانهن همراه ٻه سپ آتا
هوندا هئا ته پيلي شل ڪرل اچي ته محفل مچي. مونکي يقين
آهي ته مرحوم جي اوچتي موت جو صدمو سندس گهرن وارن
کان پوءِ تاج بلوچ کي ئي گهٽي ۾ گهٽو ٿيو هوندو. هونئن
ٻه تاج ٻاهران جهڙو سخت جان ٿو نظر اچي، اصل ۾ اندران
اهڙو ئي نرم ۽ ڪونئرو آهي. مون کي ياد آهي، هڪ حادثي
۾ سيني جو پيارو دوست، اديب ۽ شاعر الطاف عباسي اوچتو
گذاري ويو. منجهند ڌاري خبر پئي. ريڊيو پاڪستان ڪراچي
تان هڪدم هڪ تعزيتي پروگرام نشر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو
ويو. پروگرام رڪارڊ ڪرڻ جو وقت ڪونه هو. ان ڪري
سٽوڊيئون براڊڪاسٽ ڪيوسين. مون سان گڏ تاج ٻه ان
پروگرام ۾ شامل هو. اڃان ٻه اکر مس ڳالهايائين ته آواز
ڀرجي آيس. ڏٺم اکيون ڳوڙهن ۾ ٻڏي ويون هيس. وڏي مشڪل
سان حالتن کي سنڀاليم. مون کي اڄ ٻه پڪ آهي ته جيڪڏهن
مان هڪدم مداخلت نه ڪيان ها ته جيڪر هو اوچنگارون
ڏئي روئي پوي ها.

١٩٧١ع ڌاري دولت مهتاڻيءَ سندس گهرواريءَ ڪملا مهتاڻي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گل بانو سلطان، اقبال جتوئيءَ، زهرا انصاري، شيرين فاروقي، نرگس هوديائي، فهميده ميمڻ، زرين شورو ۽ ڪجهه ٻين دوستن جي صلاح ۽ مدد سان ڪراچيءَ مان ’سوجهرو‘ نالي هڪ نهايت ئي وڻندڙ، سهڻو ۽ سٺو رسالو ڪڍيو. تاج پڻ ان ۾ ڀرپور حصو ورتو. ايتريقدر جو اقبال جتوئي جي وڃڻ ڪانپوءِ تاج سمورو ڪم سنڀالي ورتو. جن اهو رسالو ڏٺو ۽ پڙهيو هوندو، تن کي ’سوجهري‘ جي هر هڪ صفحي تي تاج جي شخصيت جي ڇاپ نظر ايندي. راتيون جاڳي ڪم ڪندو هو ۽ ڏينهن سمورو رسالي جي ڊڪ ڊوڙ ۾ گذرندو هوس. مان ان محنت جو اکين ڏٺو شاهد آهيان. ڪڏهن ڪڏهن اڌ رات منجهرات ’راڪ ڪورٽ‘ وٽان لنگهڻ ٿيندو هو ته اونداهيءَ بلڊنگ ۾ صرف هڪ بتي ٻرندي نظر ايندي هئي. ڏاڪڻيون لتاڙي مٿي ويندو هوس ته تاج، ۽ هڪ اڌ دوست ڪم ۾ رڌل ضرور نظر ايندا هئا. چوندو هو: ادب جي خدمت ٿي رهي آهي پيارا. ٿڌو پيئندين، گرم يا ڪوڙو؟ هر شيءِ حاضر آهي.

ڏاڍي محنت ڪيائين ’سوجهري‘ تي ايتريقدر جو ان جي بند ٿيڻ تي روئي پيو. ’سوجهرو‘ سندس ذهن تي ايترو ته ڇانيل رهيو جو تازو ’لطيف‘ نالي هڪ ماهوار پرچو ڪڍيائين ته ان جي شڪل شبيهه ۽ مزاج ڏسي مون کان ڇرڪ نڪري ويو. ڄڻ ’سوجهرو‘ پيو جنم وٺي آيو هو.

ڪيڏو خوش هو تاج پنهنجي نئين ڪاميابيءَ تي! مون کي پنهنجي نئين آفيس ڏيکاريائين، نئين ٽائيپ خريدي هئائين فون لڳايو هئائين. رسالو مقبول ٿي رهيو هو.

چيائين: رڻ پٽ جي ٿڪائيندڙ سفر کان پوءِ سمجهان ٿو ته هاڻي ڪنهن ڇانوري تائين پهتو آهيان.

پر هو انهن بدقسمت انسانن مان هڪ آهي، جن کي ڪابه خوشي گهڻي دير ڦرندي ناهي. جي ڏينهن رات پورهيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تمام ٽورا اديب اهڙا مليا اٿم جن جا خيال سنڌي ادب،
سنڌس ڪارج ۽ سنڌس مستقبل متعلق بلڪل صاف، چٽا ۽
غير مبهم آهن. تاج بلوچ انهن چند ليڪڪن مان هڪ آهي
جنهن کي پوريءَ ربت چاڻ آهي ته هو ڇا لکي رهيو آهي، ڇو لکي
رهيو آهي ۽ ڪنهن جي لاءِ لکي رهيو آهي. ”ڪمٽيڊ“ جو لفظ مون
پهرين به ٻڌو هو، هاڻ به ٻڌندو رهندو آهيان، پر تاج جي واتان
اهو لفظ نه رڳو ڀلو لڳندو آهي، بلڪ درست پڻ لڳندو آهي.
ضروري ناهي ته هن جي هر اصول، هر سوچ، هر لکت سان
اسان سڀ هڪ ئي وقت مڪمل اتفاق ڪندا هجون. ها البت
اهو بلڪل درست آهي ته هو پنهنجي هر اصول، هر سوچ ۽ هر
لکت سان ذري پرزي نه صرف پورو پورو اتفاق ڪري ٿو پر ان
۾ يقين پڻ رکي ٿو. مون کيس آزمايو آهي. مان کيس چاڻان
ٿو، سڃاڻان ٿو. ساڻس گڏ به رهيو آهيان. دور پڻ. سنڌس
دوستي به ڏٺي اٿم. دشمني به سني اٿم. جهڙو هٿ جو چوٽ،
تهڙو زبان جو چوٽ. دل وڏي اٿس پر ان ۾ ڪجهه رکڻ
جي گنجائش آهيس ئي ڪا نه. من ۾ آيس ڪيئي ڪندو ٻاهر.
نه ڏسندو موقعو، نه مهل. خان خانان جي پٽ کي به سچ
چئي ڏيندو. ڪهڙو به ڏڳ ادبي ٺيڪيدار ڇو نه هجي، پٽڪو
لاهيندي دير ئي ڪو نه ڪندس. چوندو آهي: سچ چئي يار
رسي ته رسڻ ڏينس. جذباتي آهي، حساس آهي، اديب آهي،
منٽ ۾ دل ميڻ ٿي ويندي اٿس. ڪاڏي وئي ڪاوڙ، ڪاڏي
ويا جهيڙا. ڪاڏي ويون ناراضگيون. ڪن پل ۾ ڦرڪو ئي ڦري
ويندو. يارن جو يار آهي. ڪچهرين جو ڪوڏيو. محفلن جو
مور. جا گهڙي ويٺو هوندو ٽلن جو هوڪرا هوندا. ٽهڪن
جا ٽانڊاٽا هوندا. مرڪن جا موتيا پيا مهڪندا، گيتن جا گلاب
ڪڙي پوندا. ڳالهين جو ڳهير اهڙو جو پل ته ڏينهن ڪٽي
وڃي، رات وهامي وڃي- دل نه چوندي ته پل به پري ٿئي.
قدرت کيس آواز به مٺڙو ڏنو آهي ۽ حافظو به تيز اٿس. پنهنجا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻراوا هزارين شعر بر زبان ياد اٿس. سهڻي سر ۾ ويهي جهونگاريندو آهي ته بدن ۾ سيالو وڃي ويندو آهي. ٻـي معنيٰ لفظن کي مفهوم بخشڻ سندس ئي حصي ۾ آيو آهي. بي جان سٽن ۾ ساهه وجهڻ تاج جو ئي ڪمال آهي. مرده موضوع کي ڏوئي پوئي، اڇو اجرو ڪري پيهر جيئدان ڏيڻ سندس فن جو معراج آهي.

موجوده دور ۾ جن به دوستن آزاد نظم لکيا آهن، منهنجي راءِ ۾ تـاج بلوچ جـو شمار انهن چند شاعرن ۾ ڪري سگهجي ٿو جن آزاد نظم جي روح کي سڃاتو آهـي. تاج جهڙا موهيندڙ، چرڪائيندڙ ۽ دل کي ڇهندڙ نظم مون تمام ٿورا پڙهيا آهن. لفظن کي چونڊي، سهيڙي، ڌاهي چمڪائي، ڪين پنهنجي مناسب جاءِ تي رکڻ هن جو وڏو ڪمال آهي. نه وٽس موضوعن جي کوٽ آهي، نه لفظن جي ۽ نه وري خيال جي.

اها سندس بدقسمتي چئجي جـو ڪيس ايتري شهرت ۽ اهميت نه ملي آهي، جنهنجو هو واقعي مستحق آهي. ان جا ٻيا ڪهڙا به سبب هجن، منهنجي خيال ۾ ان جو سڀ کان وڏو سبب تاج جـي خودداري ۽ بيباڪ فطرت آهـي. ورنـه پل صراط، درد جو انڱاس، گونگيون ديوارون، ڏبرو لاش، آدرش، نئين ڪربلا ۽ اهڙين ٻين انيڪ تخليقن جي خالق کي دنيا جي ڪنهن به ادب ۾ تمام اوچو مقام ملي سگهي ٿو. ان ۾ ڪو به وڌاءُ ڪـونهي تـه تاج بلوچ موجوده دور جـي ڪيترن ئـي نامي گرامي، خود ساخته ۽ مشهور شاعرن کان گهڻو اوچو آهي. فن ۾، سوچ ۽ لوچ ۾، سڌ ۾، سماءُ ۾، ڏانءُ ۾، ذات ۾ــ پر خود هن جي ئي لفظن ۾:

ٻير ٻاهر ڪريا، منهنجي گهر ڪنڪريون.

ڪيس ادبي دنيا ۾ جيئڻ لاءِ ڏاڍا جتن ڪرڻا پيا آهن. اڄ به هو جيڪڏهن جيئرو آهي ته پنهنجي اڻ کٽ آتما جي شڪتيءَ سهاري. پيار جـو پوڄاري آهـي. محبت ۾ مـوت مرڪي قبوليندو. نفرت جي نيزي آڏي ڪنڌ جهڪائڻ وارن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ناهي- چوي ٿو:

تاج نفرت جي حوالي سان مري ڪين سگهيو،
هن کي مارڻ جي گهرو، پيار سان ماريو يارو.

زخم پنهنجن ئي ڏنا اٿس! گهاءَ دل گهرين جا تحفا چاٽي ساهه سان سانديا اٿائين. مجال آ جو شڪايت جو لفظ به زبان تي آڻي. جو ڪجهه مٿس وهيو واپريو، سيني ۾ سمائي ڇڏيائين- ٻڙڪ به ٻاهر نه ڪڍيائين:

دوستن جو ڀرم رهي ته چڱو،
ڪو نه منهنجي زبان کي کولي.

غزل چوڻ جو پنهنجو ڍنگ اٿس. سادن لفظن ۾ گهري چوٽ ڏيڻ سندس ڪمال آهي، مون کي اجازت ملي ته جيڪر اها به جسارت ڪيان ته غزل کي نئين رنگ، نئين روپ ۽ نئين روش تي هلائڻ ۾ تاج جو تمام وڏو دخل آهي. ان سلسلي ۾ سندس خدمتن کي وسارڻ شتر مرغ جيان حقيقتن کان منهن موڙڻ جي برابر ٿيندو. اسان ۾ ايتري اخلاقي جرئت هئڻ گهرجي جو سچ کي سچ چئون. اها به پنهنجي ادب جي قابل قدر خدمت ٿيندي.

غزل کان سواءِ تاج وائي، دوها، نظم، هائيڪا ۽ آزاد نظم پڻ ڏاڍي شوق سان چيا آهن- جيئن مٿي چئي آيو آهيان، آزاد نظم جي دنيا ۾ تاج جو نالو هميشه احترام سان ورتو ويندو. مان ڪيس ان صنف ۾ شمشير ۽ امداد جي پائي جو شاعر مڃان ٿو ۽ سچائيءَ ۽ بيباڪيءَ ۾ ته ڪٿي ڪٿي کانئن به گوءِ کڻي ٿو وڃي- بلصراط جو مثال ئي ڪافي آهي:

اسين وڏ ـ گهراڻا ماڻهو
ٽر سچي ۾
جوڙ نه جيس اسانجو ڪوئي
پر منهنجي
مون کان ننڍي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غـــزل

## (خوشبو جي زهر جي حوالي سان)

منجهٽا نـہ هٿا مـارو، ڏاڍن جي ڏمر تائين،
پر ڳالھ وڃي پهتي، اڄ قوُت، سمر تائين.

هي مات مـُـتا آهن، هــي جبر سهن وينا،
تون نعرو سراپـا آن، بستيءَ ۽ شهر تائين.

مون ڪانگ اَڏاريا جي، سي لات لنوي موٽيا،
پيغام مگر پهتا نــہ، ديوار ۽ در تـائين!

سڀ يار مڙي آيا، منزل تي ڪرئين جئن تون،
همراه نہ ٿيو ڪوئي، سـُورن جي سـَفرَ تائين.

هي سمنڊ حياتيءَ جو موتين سان پريل آهي،
ڪا لهر پري جهولي، آئيندي ڪپر تائين.

تو 'درد جي صحرا' ۾ گـُـلَ مٽي جي ڪئي ڳولا!
اي تـاڄ! ڪٿي پهتين؟ 'خوشبوُ جـي زهـر' تائين!

اَت جاڳ، اکيون مهٽي، هي پوپيون پهر آهي،
اک مون بہ نہ لاتي آ، پرڪاش! سحر تائين.

دبئي — ڊاڪٽر موتي پرڪاش

٦ اپريل ١٩٨٧

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تاج بلوچ جو فن

ذري گهٽ سيني نقادن تاج کي بنيادي طرح غزل جو شاعر سڏيو آهي. سان انهن سيني سان سو فيصد متفق آهيان. تاج آهي ئي غزل جو شاعر. هن جو مزاج ئي غزل جهڙو آهي. نازڪ، نفيس، تکو (Sharp)، مختصر، تيز (Swift) رنگين، چرڪائيندڙ، انوکو، حسين، نرم، حيرت ۾ وجهندڙ، رومانوي، عڪسي ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه. غزل جون وصفون، ڪيترن ئي نقادن ڪيون آهن. پر غزل جي ڪا به وصف مڪمل ناهي. مٿي ذڪر ڪيل خاصيتن کان سواءِ ڪيتريون ئي خاصيتون غزل جا جزا آهن. ان ڪري، غزل جي وصف جي اڻين ڪجي، ته غزل ۾ 'تغزل' ضروري آهي، ته ڪافي ٿيندو. اهو 'تغزل' رڳو غزل ۾ هوندو آهي. نه نظم ۾، نه مثنويءَ ۾، نه گيت ۾، نه بيت ۾، ۽ نه ڪافيءَ ۾. اهو تغزل، جيڪو غزل کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به صنف ۾ نه هوندو آهي، اهو تاج بلوچ جي سڄيءَ شاعريءَ جو سڃاڻپ وارو ڪارڊ Identity Card آهي. وائي هجي، نظم هجي. تغزل موجود هوندو. مثال طور، نظم، 'خوشبو جو زهر':

جيئن ابر آسوند رهي سپ سمونڊ جي
مون کان سواءِ هوءَ اڻين تڙپندي هئي
منهنجي اڱڻ اچي هوءَ جڏهن سهڙندي هئي
خوشبو گليءَ گليءَ ۾ پئي مهڪندي هئي
چڻ عطر ۽ عنبير ڪي شرمائيندي هئي

يا نظم 'پڇيمان':



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن مرڻ جو جنهن تان ڊنل آ
اهڙيءَ قبر جو ڪتبو آهيان
چئني پاسي ميڙ متل پر
هوندو آءٌ اڪيلو آهيان.

يا هيءَ وائي جيڪا تغزل جو نمونو آهي. ان مان وراڻي ڪڍي ڇڏيو، تہ ائين لڳندو ڄڻ غزل آهي:

جوين پڪي پير الوميان
جوين پڪي پير
جيڪو ايندو ڪنڪر هڻندو
ڪنهن کي روڪي ڪير الوميان
ساڙ سڙيو آ پاڙو سارو
پيار سان تنهن کي وير الوميان

اهڙي ئي هڪ ٻي وائي آهي جيڪا غزل جي رنگ ۾ آهي:

پيت تي لنوي ڪاءُ
منهنجو ڪنبي هانءُ
پيت تي لنوي ڪانءُ
تو ٻن ٿاڪ منجهند
ڪين وٺي چانءُ

ان وائيءَ جي بہ جي وراڻي ڪڍي ڇڏجي، تہ غزل محسوس ٿئي.

اهي تہ مثال آهن نظمن ۽ واين جا، جن مان تاج بلوچ جو تغزل چاٿون ڏيئي ٿو نڪري، پر غزل، سنڌي غزل کي تاج بلوچ جنهن مقامي رنگ ۾ تغزل سان سنواريو آهي، ان جو مثال مشڪل ملندو.

سنڌي غزل خليفي گل محمد گل کان وٺي، اسان جي دور تائين ڪي ئي دفعا پاسا ورايا آهن. اسان جي دور ۾ ئي، غزل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي شاعريءَ جي روايتن کي پاڻ ۾ جذب ڪري سگهيو آهي. جيتوڻيڪ هن ڪان اڳ سانگيءَ ۽ حامد تنڪڙائيءَ جون ان ڏس ۾ ڪيل ڪوششون ذڪر لائق آهن. تاج بلوچ، پنهنجي شروعاتي شاعريءَ ۾ غزل جو اردو ۽ فارسي رنگ قائم رکيو آهي، پر هن مجموعي 'خوشبو جو زهر' ۾، ان ڪان هٽي، اهڙا غزل لکيا اٿائين، جو اها صنف، سنڌيءَ ۾ اوپري نہ ٿي لڳي. سنڌي روايتن موجب ۽ فارسي، عربي محاورن ڪان خالي نج سنڌيءَ ۾ غزل تہ گهڻائي شاعر لکن ٿا، پر ان ۾ تغزل پيدا ڪرڻ ۽ قائم رکڻ ۾، تاج بلوچ گهڻن ڪان اڳتي وڌي ويو آهي.

ايئن ويو ڪوئي روهہ ۾ رولي
مان ٿڪو آهيان پاڻ کي ڳولي

—

هير نـاهين تہ لـڪ ٻئجي آءُ
دل جي ڪڙڪي چڙي اٿم ڪولي

—

زلف جي زنجير ٿي مون کي چڙي
ڪنهن چڙي ماحول ۾ خوشبو گڏي

—

ڏهن ڪولي مون اکيون ٻوٽي چڙيون
جنهن کي اڇڙو آ اچي منهنجي تڏي

—

لحظي لحظي کي زندگي بخشيون
پـل سمورا اجـل جيان آهـن

—

تاج جو هڪ مقبول غزل، جدت، مقامي رنگ، رجاعيت ۽ جدوجهد جو شاهڪار آهي، پر انهن سڀني ڳالهين کان سواءِ، ان ۾ تغزل ۽ نغمگي موجود آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوندهه جو ڪليجو چير ڪري چانڊاڻ کڻي آيو آهيان
هن جڳ جي لئه مان نور نرالو ساڻ کڻي آيو آهيان

ان سچي غزل جي ٻولي سليس ۽ روان آهي.

تاج جي هڪ غزل جا هيٺيان شعر به سلاست توڙي رواني ءَ جو بهترين مثال آهن:

هيڪلائيءَ ۾ الائي ته ڪٿي گم آهيان
مون کي گهولڻ جي ڪيو مون کي پڪاريو يارو

تاج نفرت جي حوالي سان مري ڪين سگهيو
هن کي مارڻ جي گهرو پيار سان ماريو يارو

---

عروضي بحر ۽ ان جا زحاف ته ڪيترائي آهن، جيڪي غزل ۾ استعمال ڪيا ويندا آهن، پر تاج هڪڙو انوکو بحر چونڊيو آهي، جنهن ۾ هڪ غير معمولي ردم آهي.

اڄ ته سچائي به نه ٿي
ڪالهه هئي جا مون ساڻ

آهي ڪويءَ جو سينو
چڻ لوهر جي سانداڻ.

---

تاج بلوچ، سنڌي شاعريءَ کي ڪيترائي شاهڪار غزل ڏنا آهن، جن جي حيثيت سنڌي غزل جي شاعريءَ ۾ دائمي آهي، پر هيٺيون غزل پنهنجي نغمگيءَ، سلاست، روانيءَ، ندرت ۽ تغزل سببان سڀني کان اڳرو آهي. ان غزل جا ڪي ٿورا شعر ورجايان ٿو. هونءَ ته اهو سڄو غزل مرصع آهي:

سڀ وساري ڇڏيون
آءُ هڪ ٿي وڃون
هو نه پرچي ته ڇا؟
هن کان وچڙي وڃون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تاريخ جي انهن اهم اهڃاڻن کي عقيدت سان سلام ڪيو آهي. ساڳيءَ ريت، هن پير حسام الدين راشديءَ جي شخصيت کي هڪ نظم ۾ قلمند ڪيو آهي.

’سڄي شهر جا سمورا پٿر
وجود پنهنجي مٿان وسائي
هي ٻاهري ڪُنڊ جو مسافر
تمام زخمي تمام زخمي
تڏهن به آهي اڳي ڪان اڳرو....‘

تاج جو نظم ’ڪوڙ ۽ سچ‘ تمام مختصر آهي، پر جديد نظمن ۾ هڪ شاهڪار نظم، جنهن ۾ هن صديءَ جي ملمعي باز ظاهر پسنديءَ جو پول پڌرو ڪيو آهي:

’ڪلهه بازار ۾
چانديءَ جي ورقن سان
ڳريل ميوو وڪامي ٿو
مگر هن دور ۾
سچار ڪنهن فنڪار جي هستي
ائين بي سود ۽ سستي
هجي چوپيل چٻاڙيل
جئين ڪائي انب جي ڪکڙي!‘

تاج بلوچ جو نظم ’نئون نسل‘ اهڃاڻي شاعريءَ جو هڪ بهترين مثال آهي، جنهن ۾ تاج نه فقط چٽا ۽ مناسب ڪردار اهڃاڻن طور چونڊيا آهن، پر ٻوليءَ جي ردم ۽ اچارن جي زيرو بم جي وسيلي چيائنجي وچڻ وارو تاثر پيدا ڪيو آهي. آخري ڪردار ’ٻُل ٻار‘ ڪمزور هجڻ جي باوجود آئيندي جي انقلاب جو اهڃاڻ آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو شاعر آهي. غزلن کان سواءِ وايـن توڙي نـظمن ۾ بـ ـ تاج بلوچ جو تغزل جهلڪا ڏيندو نظر ٿو اچي. هن سٺا تاثراتي ۽ احتجاجي نظم پڻ لکيا آهن. سندس غزلـن مان ڪي غـزل سنڌيءَ جا بهترين غزل آهن.

سرمد جو گهر، خيرپور — تنوير عباسي

١٦ فيبروري ١٩٨٧ع






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# درد جوانگاس

منهنجي دروازي جي ٻاهر
ڪير بيٺو آ ڏسو؟
جيڪڏهن ڪا آسماني اپسرا ـ
آهي ته ان کي هي چئو:
دور سپنن جي دنيا کان دور ٿي
پنهنجو رشتو آهه جوڙيو -
مون ته ڌرتيءَ ڌوڙ سان
ڌوڙ سان، ها ڌوڙ سان
ڌوڙ جيڪا زندگيءَ جي آ قريب
جيڪا جيوت کي ٿي بخشي -
سونهن ٻيءَ، سرهاڻ ٻـي ۽ روشني

ڪير بيو ڪوڙن ۽ ڪاري رات جيئن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سپنن جي انڌي کوھ ۾
آس ۽ اميد جا ڪنڪر ھڻي-
وينو رھي ڪنھن آسماني اپسرا جي واسطي-
جنھن ڪي نہ ھٿ لائي سگھي
۽ تڪيندو ئي رھي
بس رکيو احساس جي-
بي نانءَ ڪنھن گرميءَ ڪي ماڻڻ واسطي
شعر ٺاھيندو رھي
شعر ڳائيندو رھي.

منھنجي دروازي جي ٻاھر دوستو!
جيڪڏھن ڪا آسماني اپسرا آھي ڇئوس:
موٽي وڃي
موٽي وڃي.

منھنجي دروازي جي ٻاھر-
ڪير بيٺو آ ڏسو؟
منھنجي ماضيءَ جي ڇري چاھت-
اھا نازنين آھي اگر
تنھنکي چئو:
تنھنجي خاطر
درد جي انگاس تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ صدين کان وٺي لڙڪيل رهيس
تنهنجي راهن ۾ وڇائي نيڻ پنهنجا
واٽ جي هر خار کي
روح پنهنجي ۾ چبيوئي.
تنهنجي قربت واسطي
هجر جي زهرآب سان پرپور ساغر.
روح ۾ اوتيندي ۽ رت روئيندي -
درد جو صحرا لتاڙي پار ڪيم
هاڻ ان پيڙا سان ايڏو.
مان هري آهيان ويو
جو وڏي ڏادي وڏي ڪائي خوشي.
تنهنجي ڏنل ان درد جي ئي پيٽ ۾
ڪو به درجو
ڪو به رتبو
ڪين ماڻي ٿي سگهي.
منهنجي پاران دوستو!
ڪيس بس هي عرض ڪيو
مهرباني لڪ لائق جيڪڏهن واپس وڃي
۽ چڏي ڏي مونکي منهنجي حال تي.

منهنجي دروازي جي ٻاهر ڪير بيٺو آ ڏسو؟
دوستو ۽ مهربانو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪير ڀي آهي اگر
تنهنکي چئو:
موٽي وڃي
موٽي وڃي.
مان ڇگهو ڏاڍو ڇگهو هان.
ذات جي ٿي قيد ۾.

جيستائين ڪو ٿي سپنو.
سچ جي صورت وٺي
جيسين ڌرتيءَ ڌوڙ کي درجو ملي
جيستائين روح جي آرام جو سامان ٿئي
جيستائين آدمي آزاد ٿي انسان ٿي
مان ڇگهو هان ذات جي ٿي قيد ۾
ساري دنيا کان پري تنها اجاڙ.

آدمي نڪتو نه آهي.
جيسين پنهنجي ذات جي ٿي قيد مان
تيستائين، تيستائين
منهنجو دروازو نه کڙڪائي ڪوئي
منهنجو دروازو نه کڙڪائي ڪوئي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تجزيو

پاڻ صحرا جي اڪيلي ڦول جان
درد جي پاتال مان نسري مٿي
ايئن اڏول آهيون آيا
جيئن ڌرتيءَ ۾ هجي پالو ڪَنل
۽ مسلسل پيا ڪلون.

......

پاڻ صحرا جا اڪيلا ڦون دوست
جنهنجي پاسي ڪان نہ گذريو آهہ ڪوئي قافلو
چانو جي احساس کان، نا آشنا
مڌر موسيقي نہ سڏڪن جي صدا
ڪوئي محمل، ڪائي ليليٰ ۽ نہ ڪو مجنون مثال

نيڻ - نظرن تائين ڏسجي ٿي ڌتو
ڪنهنجي پيرن جو نشان.
آرهه زورائي ڪري
جيڪو ڏرتيءَ مان ڪتل ڀالو ڪڍي
ڪل - خوشبوءِ جي خزاڻن ڪي لٽي!
ڪو نہ آ، اهڙو مسافر ڪو نہ آهه!!
الامان و الامان.

......

پاڻ صحرا جا اڪيلا ڦول دوست
قافلو ڪِهڙو ۽ ڪهڙا چانورا؟
ڪهڙيون ليلائون ۽ مجنون بانورا؟
ڇا جي موسيقي ۽ سڏڪن جي صدا؟

......

پاڻ صحرا جي اڪيلي ڦول جان
درد جي پاتال مان اڀري مٿي
ڏس مسلسل پيا ڪلون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـــزل

ايڏن ويو ڪوئي روھ ۾ رولـــي
مـان ٽڪو آھيان پاڻ کـــي ڳولي
ھير نـــاھين تـــه لـڪ بڻجي آءُ
دل جي ڪڙڪي ڇڏي اٿم ڪولي
پانءَ ٺھنڪي پون نـه چانڊوڪيون
جيڪو آيو ٿـي چيٽ جي جھولي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حسرتون، درد، لڙڪ ۽ آهون
ڪو اسان جي به دل ته ڇاڇولي
ڏات، خوشبو ۽ روشني بخشي
شخص هو، ڪوئي، جنهنجي پاڇولي
هن مسيحا ڪي جو ڏنم ايندي
ڦٿ دل جا ڇتل ڇڏيم ڪولي
ڪين موهينديون رنگ رنگ ساڙهيون
جنهن ڪي هر ڪايو ڇيٽ جي چولي
هر ورق تي هو منهنجو افسانو
جي ڏسين ها ڪتاب ڪي کولي
منهنجي اونداهه چپ ڪمري ۾
ڪنهنجي يادن جي روشني ٻولي
چو طرف آهي ٻاٽ اونداهي
ٻوءِ پيي ڪوئي روشني ڳولي
دوستن جو پيرم رهي ته چڱو
ڪو نه منهنجي زبان ڪي کولي
مونسان بس جي سفر ۾ ڦهر ڪيا
جهمڪين، ڌهري، نٿ ۽ ٻولي
ڪافي هائوس، ميڪدو يا ڪلب
ٻي طرف، ڪو نه تاج ڪي ڳولي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# محبت جا سفير

(وشنو ڀاٽيا جي نالي)

منهنجي دل جو هڪ دفعو ٻيهر ڪيل ڪارڊيو گرام
ڊاڪٽرن فرمان هي جاري ڪيو:
تار تنهنجي دل جي ٽٽي آ ٽٽي.
آئون مرڪي چپ ڪري سوچڻ لڳس:
تار ڪي، ها تار ڪي، ڪمزور دل جي تار ڪي
نفرتن جي زهر جهڙي زنگ ۽
ٻن جنگين جي وحشتن بربادين
باعث ته ٽٽڻو هو ضرور
نيٺ سا ٽٽي ٽٽي.
هاڻ آئون ساري دنيا کان ڪٽيل
درد سان ڀرپور دل
ڏوجهرن ۽ ڏاڪڙن جا ڏينهڙا
ڇڻ ته ڪنهن شاعر جو اڻپورو غزل
ڪيترن ڏينهن کان ڪارڊيو ويسڪيولر ۾
بستري تي ليٽيل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوست هڪڙو۔

دوست ٻي جو خط لکيل هڪ مختصر
مون کي ڏيکارڻ لئي آيو ڪٿي
جنهن ۾ ناهي منهنجو ڪوئي تذڪرو
خط پڙهي مون پاڻ کي ڏاڍو دکي محسوس ڪيو
ڇڻ ته منهنجو
هن سان ڪو رستو نه آ رشتو نه آ
دوست منهنجو
ها اهو ئي منهنجو دوست
جيڪو مون کان ڏور هوندي ٻي گهڻو نزديڪ آ
دوست جيڪو
مون جيان سوچي به ٿو لوچي به ٿو
مون جيان ئي
هر سماجي ۽ سياسي روڳ کي ڀوڳي به ٿو
مون جيان ئي
هن جي آڏو جنهن گهڙي
ڪيترين مجبورين جا سلسلا
ڪوهسارن جيئن اڏول
هن جي ايگو ساڻ ٽڪرائن ٿا جنهن دم جنهن گهڙي
تنهن گهڙي هو مون جيان باغي اديب
پنهن جي ڪمزو نب سان
ڪوڙ، نفرت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظلم جي مانداڻ کي ڏاهپو چڏي
پر هي اڇرج
مان ڏي هن کي ناهيان ياد!!

.... ....

منهنجو تخليقي عمل
هيترن ورهين جي پيڙا سان پريل
سونهن، سچ، سرهاڻ جي ڳولا ۾ آئون
ٻاپڙي تڪليف ڏيندڙ، راهه تان هلندو رهندس
هر نئين پانڌيءَ جي ڪومايل-
منجهايل ذهن جي
چارن کي لاهيندو اجاريندو رهيس
روح رتو چاڻ ۽ زخمي بدن
پوءِ بي آئون صداقت سان پريل
سوچ جا قنديل ٻاريندو رهيس
پر اهو افسوس اٿم-
منهنجي نمائي فڪر جو
ڪو به هڪڙو ترورو
ريت جي ديوار کي ڏاهي نه پهتو پار هن!!
اهڙي صورتحال کان
درد بيٺو ٿي پيو
حال هيٺو ٿي پيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درد جي احساس کان
نيڻ پوري هٿ سيني تي رکي
سوچڻ لڳس:
من- گهڙتي نفرتن جا فاصلا
درد سان ڀرپور ڇا-
ڌرتيءَ سندي رشتن کي ٽوڙي ٽا سگهن؟
روح جي سنگم کي ڪُچلي ٽا سگهن؟
درد جي صحرا ۾ سهڻو ڦول ڪو مهڪيو هجي
ان جي خوشبوءَ کي ڌهوڙي ٽا سگهن؟
منهنجي ذي ادراڪ ليڪن
مون کي چرڪائي ڇڏيو:
او چريا شاعر - اديب!
هر اهو ليڪڪ جو ٻوڙي نب سيني ۾-
لکي ٿو رت سان
نياءَ جو ٻوچاري ۽ انياءَ سان اٽڪي ٿو جو
موت جو پيغام اڳرائي پسندن واسطي
امن جو پيغامبر ۽ محبت جو سفير
سڀ محبت جا سفير.

.... ....

ڪارڊيو ويسڪيولر جي بيڊ تان-
دل جي ٽنڊل هڪ تار جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترا رشتا جڙي پيا.

پيار جي ڌرتيءَ سندي تخليق سان

وسوسن جي چار مان آزاد ٿي

خط ڇمي سيني سان لائي

ذوبنو ٿي مان اٿي ويهي رهيس

۽ ائين محسوس ٿيو

ڄڻ ڌڪڻ جي ويڄها ٿيا

ساڙ ۽ نفرت جي ديوارن جا سارا سلسلا.

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پوپاڙيءَ جو پيهي تي

هاريءَ جو ڳڀرو ٽينگر
پيهي تي سوچي ٿو:
عيد جڏهن ڪا ايندي آهي
ميڙ جڏهن يا مچندو آهي
تڏهين هو
ڪوري ڪپڙي جي
نيروليءَ کان گوڏ رنڱائي
موڳي رنگ جو هٿ تي ٽاڪيل
چولو پائي
آهت تي موچيءَ کان
نئين جتي سبائي
سرنهن جو انکي تيل لڳائي
چيڪٽ چيڪٽ هلندو آهي
ساديءَ ململ جو ڏوتل پٽڪو پائي
ڪوئي پراڻو اجرڪ اوڍي
پاڇولن کي ٽيڏيءَ اک سان
ڏسندي ڏسندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميڙي ۾ جيئن ايندو آهي
چانديءَ جـي جرڪـن جهڙن
جلون کي گهوريندي
رنگبرنگي
ريشم اطلس جا ڪپڙا ڏسندي
هن جي من ۾
آس نئين ڪر موڙيندي آ.
هوريان هوريان
اڳتي وڌندي
ويچارن جي ساگر ۾ لڙهندي
ٿاهه نوان کي ٿاهيندو آ:
اسان جا ٻاجهر ٻوڪي آهي
ايندڙ عيد تي ان کي وڪڻي
جيڏن سرتن جهڙا۔
رنگبرنگي اوچا اوچا ڪپڙا پائي
تن جي ڪلهو ڪلهي سان لائي
ميڙاڪي ۾ مُرڪي - مَرڪي
تن سان گڏجي هلندو رهندس.
پوءِ وري هو سوچي ٿو:
اسان جا ٻاجهر ٻوڪي آهي
ان مان اسان کي ملڻو ڇاهي؟
ڪجهه به ڪٽي جي ملڻو آهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داڻن جي ان لپ منجهاران
هيڏو ڪنبو
هيڏا پاتي
ڪنهنجو ڪنهنجو انگ ڍڪيندو؟
ڪنهنجو ڪنهنجو پيٽ پريندو؟

.......

پيهي تي پوياڙيءَ جو
هاريءَ جو نينگر
ٽيان ــ گيان سان
اولهه ۾ ٻڏندڙ
ڳاڙهسري سورج کي ڏسندي
مرڪي ٿو
۽ ذهن جي ڪائناتيءَ سان
خيالن جي گهوڙهي کي
ڏور گهڻو ڏور چڏي ٿو اڇلائي.

هاريءَ جو نينگر
پيهي چڙهيو
آئيندي جي جهار پيو ٿو هڪلي.

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـزل

ڪوئي ڪنهنجي ننڊ چورائي ڇـڏي
محل سپنن جا ڀلا ســو ڪيئن اڏي
زلف جي زنجير تــي مون ڪي سڏي
ڪنهن ڇڏي ماحول ۾ خوشبو ڳڏي
ذهن ڪولني، مون اکيون ٻوٽي ڇڏيون
جنهن ڪـي اچڻو آ اچي، منهنجي تڏي
ڪوهه جي پاٽيءَ ۾، تــارن جو جمال
پاڻ ڏي ٿي مون ڪي چانڊوڪـي سڏي
دل چريءَ کي ڪير سمجهائـي ڀــلا
پيار تنهن... تــي احسان ٻيئي پڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

جوڀن ڀڪي ٻير، الوميان

جوڀن ڀڪي ٻير

جيڪو ايندو ڪنڪر هٽندو

ڪنهن کي روڪي ڪير، الوميان

جوڀن ڀڪي ٻير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گس مڙيئي انهيءَ گلي ڏي
ٽڙڪن ٽوٽي پيرَ، الو ميان
جوين پڪي پير
ساڙ سڙيو آ پاڙو سارو
پيار ساڻ تنهنڪي ويرَ، الو ميان
جوين پڪي پير
پيراڏُن پي ڪين سجاتا
ڪنهن جا ها سي پيرَ، الو ميان
جوين پڪي پير
جو ڪُڏ تي بيهي واجهائي
سو ڳيرو آهي ڪيرَ، الو ميان
جوين پڪي پير
ڪليءَ ڪليءَ تي ماڪ پئي آ
هجي گلن ڏي خيرَ، الو ميان
جوين پڪي پير
ڏڪ ڏڪ ڏڪ ساهه جو سهڪو
ڇمڪي ڪاتي ڇيرَ، الو ميان
جوين پڪي پير
ڳچ ۾ ساڳي ٻوءِ بدن جي
ڏوهيءَ ڏوتي ميرَ، الو ميان
جوين پڪي پير.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پڇيمان

مان چوڪ چوڪ ۾ ٽڙيو آهيان
۽ ديوانو سڙيو آهيان
چئني پاسي ميڙ متل پر
هوندو آئون اڪيلو آهيان
جو نہ ڪڏهن ڪنهن چپ تي آيو
اڻ ڳاتل سو نغمو آهيان
ڏينهن مرڻ جو جنهن تان ٻڌل آ
اهڙي قبر جو ڪتبو آهيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهپ ڏاهپ جهول جهلي مان
بي دردي ۽ سان ڏکبو آهيان
تيلي ٻري جيئن، سڏڪي هڏڪي
اهڙي نموني اجهندو آهيان
هر لحضي جو سوداءُ ڪٿي
چوٽ چڙهي مان گجندو آهيان
روشن روشن جيون ڪارڻ
اونداهين سان وڙهندو آهيان
پرزا پرزا ٿيندو آهيان
ٿهندو آهيان ڍهندو آهيان
۽ چوڪ چوڪ ۾ ٽڏبو آهيان
ديوانو پيو سڏبو آهيان.

پر ڪڏهن ڪڏهن ايئن ٿيندو آ
دل ديول ۾ ڪو ايندو آ
ڪي رنگ رچائي ويندو آ
۽ سگهه نرالي ڏيندو آ
دل ڏاريندڙ تنهائين ۾
هوندو آئون اڪيلو ناهيان
سيني اندر سڙندو ناهيان
پنهنجي اکين ۾ اُجهندو ناهيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مات ڪري مان اونداهين کـي
جـــوتـــي بڻجي جلندو آهيان
۽ چوڪ چوڪ ۾ تـڏبو ناهيان
پُــرزا پُـــرزا ٿيـندو ناهيـان
خـوشبوءِ جيئن پـکڙبـــو آهيان
نـغمو بڻجي پُــرنـدو آهـيان
آئـــون امرتـا پائيندو هـــان
هر دل جو اڌمـو ٿيندو هـــان.

پر وقــت وري جـو ورنـدو آ
هــر نقـش متـائـــي ويـنـدو آ
بــڙچيـون يــالا کـچـبا آهــن
مــون تــي حملا ٿيـنـدا آهــن
ڪفر جــي فتوا لـڳندي آهــي
گيــت فضــا ۾ گُهٽـبا آهــن
جيئن ڪــارڻ مــرندو آهـيـان
مري مــري مــان جيئندو آهيان
هيــڏي ســاري ميــڙ متــل ۾
هونـدو آئـون اڪيلـو آهيان
رستي جي ڪنهن پٿر وانـگيان
مان چوڪ چوڪ ۾ ٽڏبو آهيان.

—

(موهن ڪلپنا جي نذر)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خوشبوءَ جو زهر

جيوت جو رنگ روپ هئي، تازگي هئي
دل کي نصيب قرب هو ۽ دلبري هئي

جيئن ابر آسوند رهي سپ سمونڊ جي
مون ڪانسواءِ هوءَ ائين تڙپندي هئي
منهنجي اڱڻ اچي هو جڏهن سهڙندي هئي
خوشبو ڱلي ڱلي ۾ پئي مهڪندي هئي
چڻ عطر ۽ عنبير کي شرمائيندي هئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڙي ڪلهن تي وار جڏهن جهومندي هئي
چڻ ميگهه ڪي ملهار ڪي پريائيندي هئي
چانڊوڪين جو روپ وٺي جرڪندي هئي
ڪا باهه لائي برف ۾ ايئن ٻهڪندي هئي
ڪو رنگ هو، بهار هئي، روشني هئي.

اهڙو وريو جو واءُ سا هيري ڪٽي وئي
گلرنگ زندگي جا هئي زهر تي پٽي
چڻ مُرڪ َ ڪان اڳي ڪلي ڪومائجي وئي
معبود جي رٺو ته رُسي بندگي وئي
لٽجي ويو سڪون ۽ هرڪا خوشي وئي
سو قرب ويو قرار ويو دلبري وئي
چانڊوڪين جو روپ به لوساڻجي ويو
برساتين جو روح به گهوماڻجي ويو
گهٽجي گلابي گيت ويا، شاعري وئي
سي رنگ ويا، بهار وئي، روشني وئي
مون ڪان رسي جڏهن ڪان اها پدمڻي وئي
جيوت جو رنگ روپ ويو تازگي وئي.

چاچا وهيو نه واپريو زندهه تڏهن به هان!
راول، رتو روئان پيو، خوشبوءِ جي زهر ڪان.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غـــزل

ڪنهنجو آڳو نہ ڪو پيڇو آهيان
پنهنجي ادراڪ جو پاڇو آهيان
مان الائي تہ ويس پئي ڪيڏانهن
تنهنجي در تي اچي پهتو آهيان
جنهن ۾ صدين جي ملي ٿي پيڙا
مان خوشيءَ جو اهو لحظو آهيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرش تي ھار ڪڍيا جي ليڪا
آنءُ بي نانءُ سو جذبو آهيان

توکي پٿر جان لڳان ٿو ليڪن
ماٺ جي چاٺ جو لهجو آهيان

جنهن ۾ نفرت جا وڏا ويا سڪا
مان اهو پيار جو ڪشتو آهيان

زخم هڪڙو ڪو هجي سو چيٽيان
آنءُ سارو ئي ڦٽيو پيو آهيان

جنهن جي تڪميل ۾ صديون گهرجن
مان اهو گيت اڌورو آهيان

منهنجا احساس صليبن تي ٽنگيل
آنءُ هر دور ۾ پيڙيو آهيان

جنهن ۾ آواز نه ڪا موسيقي
اهڙو خاموش مان سڏڪو آهيان

هن اچڻ لاءِ چيو ٻي ناهي
پوءِ ڇو راهه ۾ بيٺو آهيان

ڪنهنجي يادن جا اٿم ساڻ هجوم
ڪيئن چوان تاج اڪيلو آهيان.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اديب

(حسام الدين راشديءَ جي نذر)

جري سپاهي
سواءِ لشڪر
ترار جنهن جي هٿن ۾ ناهي
۽ ايڏو بيباڪ، همتون ڀي حضور جنهن جي
جهڪي جهڪي ٿيون ڀرن سلامي
اگر هي مرڪي
ڪلون ٿيون ٻهڪن
اگر هي غيض ۽ غضب ۾ ٻولي
ائين لڳي ٿو
ڇپيون ٿيون چرڪن
اگر هي اٿلي
زمين لرزي ٿي نيٺ وانگر
سمونڊ اٿلن-

هي دشمنن جي اکين جو ڪنڊو
۽ دوستن لئہ گلاب هردم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڳو قلم جي وسيلي جيڪو
ازل ابد کان ئي ظلمتن جي خلاف وڙهندي
هي نفرتن ۽ محبتن جو شڪار ٿيندي

سڄي شهر جا سمورا پٿر
وجود پنهنجي مٿان وسائي
هي ٻاٻري ڪنڊ جو مسافر
تمام زخمي تمام زخمي
تڏهن به آهي اڳي کان اڳرو
حقيقتن جي صليب پنهنجي
ڳچيءَ ۾ پايو
هي روشنين جو سفير هردم
صداقتن جا چراغ ٻاريو

هي پونءِ پنهنجي ۽ پنهنجي ماڻهن جا سُور سارا
سمائي دل ۾
اچي نياڻيندو نينهن ناتو
جيئڻ جي خاطر مري هي ڇاٽي
مصيبتن سان مقابلي ۾
سدا جيئڻ لئه رهي ٿو آتو
ڏسڻ ۾ ڪيڏو نه گلبدن آ
مگر هي جرئت ۾ پيلتن آ
اديب آهي اديب آهي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اديب ناهي، سپاهي آهي
جري سپاهي
سواءِ لشڪر
ترار جنهنجي هٿن ۾ ناهي
۽ ايڏو ويڙهاڪ، جرئتون پيي
حضور جنهن جي
جهڪي جهڪي ٿيون پرن سلامي.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اوسيئڙو

سانجهيءَ ڏاٽي
جيئن ڪا ناري
سَرنهن ۾ جي ڳَنرنَ جو ساڳ پچائي
ڪنهن جي واٽ تڪي
من جا ويچ ائين
تنهنجي اوسيئڙي ۾
وينو آهيان
پنهنجو پاڻ ڦٽي
پنهنجو پاڻ ڦٽي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪوڙ ۽ سچ

ڪلڪتي بازار ۾
چانديءَ جي ورقن سان
ڳريل ميوو وڪامي ٿو
مگر هن دؤر ۾
سچار ڪنهن فنڪار جي هستي
ائين بيسود ۽ سستي
هجي چوپيل چپاڙيل—
جيئن ڪائي انب جي ککڙي!

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

ڪنهن جي بدن جي سرهاڻ
ڇا تہ منديو آ ماندڻ

وار ڦڪڻ جون راتيون
چهرو چوڏهينءَ چانڊاڻ

اڄ تہ سڄائي ٻہ نہ ٿي
ڪالهہ هئي، جا مون سان

ڪيئن ٿيو آ ڪنهن سان
دل منهنجي رتو ـ ڇاڻ

آهہ ڪويءَ جو سينو
ڄڻ لوهر جي ساڻداڻ

سو ٻہ اسان جو نہ ٿيو
تاج مٿاسين جنهن ڪاڻ.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نئون نسل

ٿوٽ ٿرتي، چار جيوَ
ماءُ ۽ پٽ
ننڍڙو ۽ ننڍڙو ٻارڙو.

ماءُ:

پوڙهي جهور، ڪبڙي ۽ نبل
جنهن ته موهن جو دڙو
جنهن ڏٺي جي جنگ جو-
آهي ٻڌل ڪو مورچو.

پٽ:

ڏاڍو مڙس، ليڪن
ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ سان ويڙهاند ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھاءَ پيشاني ۾ ۽ سينو سٿيل
زخمي بدن
پوءِ بہ ايڏو اڏول
ڄڻ تہ سنڌوءَ جا ڪنارا
ڄڻ تہ ڪارونجھر جي ڪور
اڄ تائين نہ جنھن آھي مڃي.

ننھن:
جيڪا صرف ھڪ ٻالڪ ڄڻي
ڪڪ جنھن جي وٺي سَڪي.



ٻارڙو:
هڏڙو صفا، ڪمزور ۽ بيمار ٻار
پوءِ بہ اکيون انھيءَ جون ڄڻ بہ سج
جنھن گھڙي ڪاڏي تڪي
ايئن آلا ٽا پرن
ڄڻ تہ ڪي ٻرندڙ جبل
جنھن گھڙي پائي ٿو نينگر ٻانھڙا
ساري ڌرتي تي ڏڏي.
ڏار ڪاڏل ٿوٺ ڌرتيءَ مان ٽا نڪرن
سرخ رنگ جا ڦوڪٽا.
سرخ رنگ جا ڦوڪٽا، چمرن جيان۔
پولار ڏي اڏريو وڃن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڻ ڦاٽا، چاڻ برسيا،
سرخ رنگ جا ڦوڪٽا
اره ڌرتيءَ کي رِجائيندا وچي
سره ٿيندي.
زندگي پٺي مرڪندي.

ٺوٺ ڌرتي، چار جيوَ
ماڻهو ۽ پٿ
ننهن ۾ نيڙو ٻارڙو.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نيرو لفافو

ڪليءَ جهڙي ڪومل ۽ نازڪ هٿن سان لکيل
جڏهن تنهنجو نيرو ۽ خوشبو سان واسيل لفافو مليو
تڏهن دل ۾ ڪيئي ٽڙي پيا گلاب.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## زندگي کي فنا ناهي



بل چيڪ ڪرڻ لاءِ
مون ڪئلڪيوليٽر جو ٻٽڻ دٻايو
اسڪرين تي انگ بدران
سچل جو روضو اچي ويو
جتي ڏسڻ ۾ آئي جتي نماڻي فقير جي قبر
جنهنجي پيرانديءَ کان
سمنڊ پئي ڇلڪيو
سمنڊ ۾ سچل سورج جيئن پئي چمڪيو
هيٺ مهاڻا، ٻيڙيون، ڄارَ ۽ چار هئا.
سچل، پاڻيءَ مان آڱر ٻوڙي
آسمان تي ڪجهه لکيو:
منهنجي اکين جي سٽن سمونڊن جي
ڇولين گهرائي موڙي آئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موتئي پاڻيءَ ۾ ورتل اک
چٿيءَ ريت شڪليون ڏسڻ لڳي ٿي:

سمنڊ جي هُن پار
ڍڳها ۽ ڪوجها ماڻهو
هٿن ۾ ڏقا کنيو
آسمان جو لڪيو متائن ٿا.
آسمان جو بدن ڦتجي پوي ٿو
منجهائنس وهي نڪتل رت
سمنڊ ۾ هلي آيو آهي
ڏپ وڳهي سڀ مڇيون
ڪناري ڏانهن ڊوڙن ٿيون
پيڙيون، مهاڻا ۽ سمورا سڙهه
هيسيل، ميرا ۽ ڦاٽل آهن.
درد ۾ جڪڙيل
ڪنهن گذريل صديءَ جي-
پوڙهي مهاڻي جي سلهه واري ڪنگهه
سمنڊ جي ڇولين سان ٽڪرائي
پيڙين ڏانهن موٽي آئي آهي.
پيڙين کي به سلهه وڪوڙي وجي ٿي
پيڙيون رت ٿوڪارين ٿيون
ڪارو پاڻي، زهريلو ٿي پوي ٿو.
مهاڻا، مڇيون، پيڙيون ۽ سڙهه-
ڪناري تي مئل پيا آهن
ڪو احتجاج، ڪا صدا، ڪو سڏڪو نٿو ايري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمنڊ جي هُن پار-
انڌا ۽ ظالم ٿڪ ٻُرن ٿا.
قبر مان نماڻو فقير ٻاهر نڪري چوي ٿو:
’ڪَل- يُگ جو اهو حقير آهيان
جيڪو سخت جاڪوڙ سان
جنتا-واديءَ جي مسودي مان
پنهنجي سڄاڻ ڪُرتي ٿو.
جنهن ڏوهارين وٽ سام جهلي آهي
جنهن سچي چمار پاڻ تي پونڪڻ جي-
دلاوري ڏيکاري آهي.
اي سمنڊ
مونکي نشٽ ڪري ڇڏ
ڪُک ۾ سُڪي ويل ٻالڪ جيئن
مونکي ٻه پاڻ ۾ سمائي ڇڏ
ته جيئن پيهر نه ڇاپان
پنهنجي تهن هيئان لڪائي ڇڏ
پنهنجي ڦيڻ جي ڦَڻِ سان ڏنگي ڇڏ
جنهن زهر ڪان مونکي ڪو بچائي نه سگهي.
اي سمنڊ
پنهتجي قيامت خيزين ڪي بي لغام ڪر
ته جيئن مان پرزا پرزا ٿي وڃان.‘
نماڻو فقير، قبر مٿان ڪري پوي ٿو.

سمنڊ جي هِنَ پاسي کان
بسنتي گيت ٻُرن ٿا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انڊلٽ جهڙا مڌر مڌر گيت:
چنگ، ٻوڙيندو، چيڙيون۔
ڪنجريءَ ۽ يڪتاري جا سُر
دهلارين جا ڏمچر
نارين جا شرناءِ۔ رنگ ڏهڪ
ڪو مست وڏي واڪ نمرتا سان آلاپي ٿو:
’ڏيکو ساڏڙي نال، ڪيتي ويندا ڏاڍپ يار!!‘
لفظ پولار جي چار ۾ ڦاسي پيا آهن
هر اڏمو ٻوساٽجي وڃي ٿو
ميڊيا ـ لئڪ آف ڪميونيڪيشن.

سمنڊ جي هُن پار ڪان
لانچر، توپن ۽ ڪلاشنڪوف جو مينهن وسي ٿو
سمنڊ جو نيرو پاڻي ڪارو ٿي پوي ٿو
سمنڊ ڪان اُپ ٽائين اونداهي آهي
لائيٽ هائوس جي ٽاور جي اک۔
منهنجي اڳتي آڱرين جي پاڇي تي پهريدار آهي
ڪئلڪيوليٽر جي ننڍڙي اسڪرين تي
سڀ عڪس ۽ انگ گم ٿي وڃن ٿا
اُڪري ٿي اچي پڌرائيءَ جهڙي عبارت:
’چوڏهين رمضان المبارڪ، سچل جي وفات جو ڏينهن آهي.‘
پر منهنجون آڱريون
لائيٽ هائوس جي ٽاور جي اک ڪان پاڻ بچائي
زهريلي، اونداهي ڪاري سمنڊ جي ڇاتيءَ تي لکن ٿيون:
’زندگيءَ ڪي ڪڏهن فنا ناهي.‘

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غــــزل

هٿ سڙي ويا آهــن
خط ٻڇـي ويـا آهــن

چپ سڙي ويا آهــن
ڳِـلَ ٻڇي ويا آهـن

ڏات ڏ کويــل آهيان
گيت رسي ويا آهـن

بند پيڳو لڙکن جــو
خواب لڙهي ويا آهن

ڳالهيون تازيون آهن
قٽ چٽي ويـا آهــن

ماڪ ڦڙا گل گل جا
ڳل چمي ويـا آهــن

ڦول ستارا چانڊوڪي
رنگ رچي ويـا آهن

ڏاج، نڌڙکو ڇاڻـي!
دوست رسي ويا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وجود

نار جي ڊينگي تي
مالهه جي ڦاهيءَ ۾ لڙڪيل
سچين سان ڳنڍ
جيئن پڳل ڪا لوڙي
تيئن او جاني
تنهنجي دم سان
منهنجي هستي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نئون عشق

بي خياليءَ ۾
تو جي هٿ هوا ۾ لوڏيا
تنهنجي چوڙين جا
پولارن ۾ ٿڌڪ ٽڙي پيا.
۽ ڪنواري هٿن جي خوشبوءِ
رم جهم رم جهم مهڪ پکيڙي.

ڪليءَ هوا ۾.
تو جي اگڙ تي پير گهمايا
سڀ ڪي جاڳايو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي پايل جي ڇم ڇم

گيت ڪڙي پيا

لهر لهر سنگيت ڀري پيو.

تو جي وار هوا تي ڇوڙيا-

ميگهه ملهار جي موسم موٽي.

چڪ ۾ پوتيءَ جي ڪُنڊ جهلي

پير جي ننهن سان

تو جي ڌرتيءَ کي ڪوتيو

خوشبوءَ جو ساگر ڇُلڪي پيو.

تو جي مرڪيو-

ڌرتيءَ ڪان آپ - ڪنارين موتيا مهڪيا

چانديءَ جي جلون جو نُور ڀري پيو.

تو جي ڪڏهن ها تو جي ڪڏهن

بي خياليءَ ۾ ڏهڪ ڏنو

ايئن لڳو ها ايئن لڳو-

ڇڻ تَرَ تي مينهن آڏو.

بي خياليءَ ۾

بي خياليءَ ۾.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نفرتن جي شهر ۾

ڪوئي تنهنجي نفرتن جي شهر ۾
پيار جو اهڙو پيمبر
جيڪو هڪ هڪ وڪ تي
زنجيرپا ٿيندو رهيو
وحشتن جي باهه ۾ پچندو رهيو
ساڙ ۽ ڪيني جي ڦهري.
ڏڪڻڪي ۾ پير بند ۽ هٿ بند
۽ مٿان ڦٽڪن جيان، چٽڪن جي بارش-
ٻوءِ ٻي مرڪي وڏي پاڇوهه سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

در در مٿي
پيار آڇيندو رهيو
ڪوئي تنهنجي نفرتن جي شهر ۾.

موسمون متبيون رهيون:

سج لٿو ۽ شام ٿي
درد ڪان بيتاب ٿي
رات پڻ روئندي رهي
۽ مٿي ڏاڍو مٿي هُو ماهتاب
هنجي حالت کي ڏسي ويو هيسجي
شهر تنهنجي تي مگر ڪلندو رهيو.

ماڪ جي سنگيت تي
هيٺ ڏاڍا گل ٿڙيا
هُو مگر سارو ڏَڪيل ڪُوماٽيل
سَرَ بُربده بي ڪفن
سج جي چاندي ڪڙڻ سان.
ڏس وري ٿو سونَ جان جرڪي پئي
پيار، امن ۽ سونهن جو پيغامبر
تنهنجو عاشق، تنهنجو شاعر.

سلسلو ساڳيو ۽ ساڳيوئي سفر:
پيار آڇيندو وتي
زخم کائيندو وتي
ڪوئي تنهنجي نفرتن جي شهر ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڏٻرو لاش

هن ڏٻري لاش کي پوريو ڇو ٿا؟
ڪفن دفن لئه تڙپو ڇو ٿا؟
ٻوڙو ڇو ٿا؟
هن ڏٻري لاش کي پوريو ڇو ٿا؟
ڌرتي تنگ۔
لٺو، ڪورو ڏاڍا مهانگا
پيٽي تنهن ڪان آهه قبر جي ڪوڙائي

قبرستان جو رستو
ڏور گهڻو ۽ ڏاڍو اوکو!
ڪٽي انهيءَ کي هلندو ڪير!؟
قل انهيءَ تي پڙهندو ڪير!؟
گُلَ انهيءَ تي چاڙهڻ خاطر
پئسو پنجڙ ڏيندو ڪير!؟

ڏپ اچي ٿي!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي دانوڻ ۾ جهاتي پايو
ڪيڏا بدبودار آهيو!!

هي لاش ڪٺي جي پورينڊا
ڏرتي ڏادي بکايل آهي
پيٽ انهيءَ جو ڀرڻو ناهي
ڇا به ڪيو ڪجهه ورڻو ناهي.

هن ڍيري لاش ڪي او سائين
گند جي ڍير مٿي اڇلايو
جيئن ڪتا، ڪانوَ، ٻليون.
۽ جيت جٺا ڪو پيٽ ڀرن
ڪا ٻڪ مٽي
ڪا ٻڪ مٽي
هي به مٺو آ ٻڪ وگهي
هي به مٺو آ ٻڪ وگهي.
—.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪائي چنچل سانوري

منهنجي دل صحرا مثال
وڏ ڦڙي جي ڳالهہ ڇڏ
جنهن تي ڪائي بوند ڀي برسي نہ آهہ
منهنجي دل صحرا مثال.

سال گذريا، ڪائي چنچل سانوري
جيئن هجي ساوڻ جي ڪڪري باوري
دل جي واريا سي مٿان
ڪي گهڙيون برسڻ سوا ترسي هٽي
ڪائي چنچل سانوري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ ٻه هيڏي آب ۾
ڏيڏ ان جو ڇانورو.

جي اوهان کي اي هوائو، بادلو!
وات ۾ چنچل سا ناري سانوري گڏجي وڃي
تنهن کي هي نياپو ڏجو:

هڪ دفعو، بس هڪ دفعو
کين سا برسي پلي
دل جي ورياسي مٿان
ڪي گهڙيون ترسي وڃي.

ڪنهن جي دل صحرا مثال
منهنجي دل صحرا مثال.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـــزل

جياري سدائين نـــہ ماري سدائين
ڪري قول ڪوڙا، ٽٽاري سدائين
ڪڏهن دوست هو، هـاڻ هڪ ياد آهي
اها ڳالهہ ٿي دل کي ڳاري سدائين
فقط ساهہ آ، نـذر ڏيئي سگهون ٿا
ٺلهو هڪ اوهان جي اشاري سدائين
نہ ايندين، جا دڙڪا ڏيئي، هو اچي ٿي
ائيـن روز مـــاري جياري ســدائين
اڃان هوڏ ايڏي، انهيءَ جي بہ هوندي
ڇڏيئي ٽاج، سيني وساري سدائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪربلا جو رستو

اڄ وئي جيئن گذري
تيئن صبح ٻه گذري ويندو.

ڪالهه جون سڃيون سوچون
اڄ وڃن ٿيون ڇپياڻيون
ڏيئن سياڻي
تنهنجن منهنجن جذبن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿيءَ لسيءَ جو رتبو ملندو
ماڻهن بدران ٻباس تي لڙڪيل هوندا
تنهنجا منهنجا ڳاڙها سپنا
تنهنجو بدن ۽ منهنجو بدن
تنهنجو ذهن ۽ منهنجو ذهن
اڄ جا سارا سور ڪٺي
جيئن ايندڙ صبح جي سفر تي هلندو
تيئن وک وک تي ڳاڙها ٽاندا
ڪانڌاري ڏينهن جيئن ڏنگيندڙ ٽاندا
تنهنجي منهنجي
واٽ ائين پيي روڪيندا
تون ۽ مان پوءِ ڇو نه اي ساٿي!
اڄ جو سارو زهر ڇڏيون
پنهنجي اندر ۾ اوتي
جيئن تنهنجو منهنجو
اسان سڀن جو
ايندڙ نسلن جو
ڪو صبح سجايو ٿئي
شل صبح سجايو ٿئي.
اڄ کي ڪين وڃڻ ڏي ساٿي
سچ کي ڪين وڃڻ ڏي ساٿي.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩٠

## غـــزل

تنهنجي يادن جي روشني آهــي
دل جــي دنيا کـڙي پٽي آهي
هـــوءِ تبسم مثال جـــادوگــر
پنڊ-پاهڻ ڪري وئـــي آهــي
آهيون خوشبوءِ جي زهر ۾ ورتل
عشق وارن جـي زندگي آهــي
تون جي آئين اسانجي آڳــر ۾
رنگ آهـــن ۽ روشـني آهـــي
تنهنجي زلفن جي سونهن ۽ خوشبو
تاج ڪي زنـدگي ڏنـي آهــي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# زندگي

روز ساڙهيون ٿي نيون بدلائي
هنجي چيڙن ٿي نوان رنگ رچن
هنجي پلڪن ٿي چمر يي گهايل
نيڻ ميخاني جون ماٽيون گهاٽيون
هٿ ميندي ۾ رتل
۽ نئين ڪنوار جيان
روز پازيب نوان ٿي پائي.
چير چمڪائي جڏهن
هار سينگار ڪري ٿي نڪري
جنهن ٻه محفل ۾ وڃي
پنڌ - پاهڻ ٿي پون ٿا ماڻهو
۽ جي مرڪي ته وري ساهه کڻن ٿا ماڻهو
هِڪَ ڪَري هنجي بدن جو جادو
سڀ کي خوشبو جي زهر ۾ جڪڙي
اهڙو زهرآب ڪري ٿو تخليق
جيڪو پيئي سو جيئي
هنجي جذبن کي جو سمجهي ڇائي
هنجي جوين کي جو چوڙي ماڻي
هوءَ رکو آهه انهيءَ جي سائڻ
هوءَ رکو آهه انهيءَ جي سائڻ.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۹۲

# غزل

داغ دل جا ڪنول جيان آهن
خوبصورت غزل جيان آهن

جيڪي طوفان باهه جا آيا
منهنجي پلڪن تي جَلَ جيان آهن

زندگي کي نئون ڪو روپ ڏيون
ڏينهن ڪهڙا جبل جيان آهن

لحظي لحظي کي زندگي بخشيون
پَلَ سمورا اجل جيان آهن

رُتِ آئي گلاب جي پيهر
تاج، ڪنڪر به گل جيان آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٽريفڪ جو سنگل

پيٽ ۾ پيڙا پالي
ڪنواري ڪنيا
ٽريفڪ جي سنگل جي پاسي ۾
ڇوواڻي ٿي نيڻ وڇائي
ڪنهنجي اوسيئڙي ۾ بيٺي آهي.

ساموندي ڪنهن لهر جيان
وقت وڏي تيزيءَ سان وهندو ٿو وڃي
پيٽ جي پيڙا وڌي رهي آ.
هن جي ساٿيءَ کيس ٻڌايو هو:
ڪٽنبي رٿابندي جي نرس ڏي هلڻو آ.
پيٽ جي پيڙا ختم ٿي ويندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاچا ٻہ لڙي ويا آهن
ليڪن هن جو ساٿي موٽيو ناهي
تنها سمجهي
چوواٽي جو واڳو
ڪيس ڳهڻ لئہ آتو آ
پر هن پاڻ سجاتو آ
هوءَ پيي ٽريفڪ جو هڪ سنگل آهي
جيڪو ڳاڙها، ساوا، پيلا رنگ پڪيڙي
چوواٽي جي سونهن وڌائي ٿو.

پيٽ ۾ پيڙا پالي
ڪنواري ڪنيا چوواٽي تي
ٽريفڪ جو سنگل بڻجي
ڪنهنجي اوسيئڙي ۾ بيني آهي.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نئين ڪربلا

ساوا، خاڪي پاڇولا
نانگن وانگيان ڦڻ ڦهلائي
ڇوڪ ڇوڪ ۽ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾
زهر پکيڙي ڦوڪون ڏيو لهرائين ٿا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن سڀني ۾ هر دروازو
بند آهي هر گهڙڪي
هر گهر ۾ ڏيپ جو ديو ستل آ
هر ساهه هتي آ پوساڻيل
دل، ذهن، اکيون، ڪوري جيئڻ ڪامن تا
هر ماڻهو
اجڙيل قبر جي ڪتبي وانگيان
چپ چاپ اڪيلو آهي
ماڻهو آهن ميلو ناهي
ڪنهن قاتل وانگيان
ساهه سلهاڙيل سوريءَ سان آ
چئني پاسي آهي
زهريلي نانگن جو واسو
منڙا منظر
ويرانين جو ڏيک ڏين تا
ماڻهو بند آهن
آزادي قيد آهي.

ساوا، خاڪي پاچولا
نانگن وانگيان ڦڻ ڦهلائي
چوڪ چوڪ ۽ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾
زهر پکيڙي ڦوڪون ڏيو لهرائن تا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

دل ڏکوئڻ ۽ اشڪبار جا رنگ
منهنجي بيدرد غمگسار جا رنگ

هُو جي مرڪي ته زندگي جاڳي
ننڊڪي ڏي نوان خمار جا رنگ

هن بسنتي لباس جا پاتو
اک اک ۾ ڪڙيا بهار جا رنگ

سانت چانڊوڪي هير ۽ خوشبو
هي سمورا ئي منهنجي يار جا رنگ

گل هوا جي صليب تي لڙڪي
چا ته بخشي ويا قرار جا رنگ

تون نه آهين ته منهنجي جان غزل
اوپرا ٿا لڳن بهار جا رنگ

درد مندن جا قافلا نڪتا
ڪو ڏسي روءِ شهريار جا رنگ

خاموشيون پُرُ خيال سرگوشيون
هي ڏکوين جي اضطرار جا رنگ

تاج، تشنه لبي ڇڏيو ماري
ورنه ڏسجن ها باده‌خوار جا رنگ

—

## مون بہ ماڻي زندگي

زندگي چوڙڻ ۽ ماڻڻ واسطي
ٺٺ ـ ٺانگر ساڻ تو شادي ڪئي
گھر وسايئي ـ
ڪار، بنگلو، هر خوشي تنهنجي غلام!
تنهنجو سوشل اسٽينٽس
هر گھڙي توکي سلام.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچي طبقي جون سموريون بيگمات
رشڪ سان توڏي تڪيو ڪاميو وڃن.
تنهنجون اند-لنڀ رنگ جهڙيون ساڙهيون
مئچ ڪندڙ، پرس پئسن سان پريل
خوبصورت سئنڊلن جا ڪيئي جوڙا-
قيمتي سڀ گهه ڳنا ۽ زيورات
هڪ جهڙي زندگي-
بند سوچن جو سمورو سلسلو
ذهن تنهنجي مان اڏائو-
’ڊي ڪلاسيفاءِ‘ وارو فلسفو
وقت مقرر آهه هر ڪنهن ڳالهه جو
چڙ ته ڪائي ڪَٺ-پُتلي-
ڏور تي نچندي هجي.
جيمخانو پارٽيون
واقفن اڻواقفن-
دوستن ۽ دشمنن جي درميان
ڪوڙي ڪوڙي ٽهڪڙن جا سلسلا سڀ ڪو ڪلا.
زندگي چوڙڻ ۽ ماڻڻ واسطي
نت-نانگر ساڻ تو شادي ڪئي
گهر وسايئي، شل سدائين خوش هجين.

هاڻ تنهنجو مڙس جيڪو-
ڪنهن زماني ۾ جذهن
پاڻ سان تحريڪ ۾ شامل هيو
۽ هئاسين سڀ ڪنوارا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو سڀني جو-
تنهنجو منهنجو دوست هو، غمخوار هو
وقف هو هنجو هئڻون ۽ ڪار سڀ ساٿين لئي-
تنهنجي لئي منهنجي لئي.
ڪوري ڪاڳر جيئن هن جو ذهن هو
(هتي ڪتابن ڪان پري)
پر سريلو هو گهڻو
بحث ۾ سڀ سان ڪندو هو اتفاق
سوٽ سان ۽ بوٽ سان گڏ-
ساهه وسڪيءَ تي گهڻو ڏيندو هيو.
پاڻ پيئي-
هيٺئين طبقي جا هٺاسين فرد پيڙيل ۽ ستايل نامراد
مارڪس کي تو پي پڙهيو هو
ذهن ۾ منهنجي ٻ، هو لينن جو ٿورو فلسفو
مون کي هيگل ياد هو
تنهنجو ليڪڪ دلپسند هو سارتر
۽ فرائيڊ پي پڙهيو هو تو گهڻو.
توکي شايد، ياد هوندو-
روح منهنجي جون رڙيون
(ڪوري ڪاڳر جيئن هن جي ذهن تي-
بدنصيبيءَ ساڻ جي تحرير ڪائي نقش هئي
سي هٺا، منهنجا غزل
تجرباتي شاعري)
جنهن گهڙي هو سڀ سان ڳائيندو هيو
(واهه جو آواز ۾ جادو هيس)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روح گرمائي چڙهيندو هو سيءَ جا۔
(جنهن تي سڀ سائي ڪندا ها واهه واهه)
ڏون تڏهن چپ چاپ هونديءَ۔
پيار جون نظرون کڻي
ايئن نهاريندي هئينءَ
ڄڻ تہ منهنجا گيت ۽ سارا غزل
ها لکيل تنهنجي لئي۔
ياد اٿيئي يا ڪہ سڀ وسري ويئي؟
هاڻ جڏهين مڙس تنهنجو۔
پيگ پي ۽ مست ٿي
گيت جي منهنجا ٿي ڳائيندو هجي
تنهنجو ڪهڙو حال ٿيندو آ پرين؟
تنهنجو ڪهڙو حال ٿيندو آ پرين؟



آءٌ اڄ بہ پياري پياري
تنهنجي نظرن جي سهاري۔
پنهنجي منزل، آدرش جي واسطي
روح، رتو چاڻ سان
مست پنهنجي حال تي آهيان اڃان
حالتون ناساز گار ۽ درد جيتوڻيڪ ٿي پيٽا پيا
پوءِ بہ آزاد آهيان مان اي دوست!
منهنجو روئڻ ۽ کلڻ بہ، اڄ بہ منهنجي وس ۾ ناهہ
منهنجو ڪوئي ڏينهن ناهہ
منهنجي ڪائي رات ناهہ
مان اڃا پنهنجي نماڻي ڪوشش ۾ ٿي رڌل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀيٽ تنهنجيءَ ۾ سڄڻ
دربدر ۽ نامراد۔
سرخ سورج واسطي
چو طرف اکيون هلندو وتان.

گيت وايون، نظم دوها
منهنجو سرمايو سچو
تنهنجي نظرن جا ڪنول
منهنجا غزل
وقف آهن ساڳي مقصد واسطي
ساڳيو منهنجو آدرش
ساڳيو جيون
ساڳيون منهنجون عام واريون حالتون
تو به ماڻي زندگي
مون به چوڙي زندگي.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فرسٽريشن

چنڊ تارا فلڪ تي چمڪن ٿا
نور جي نهر ڄڻ وهي پيئي!
باغ ۾ ٽڏڙي هير جا جهوٽا
مڪڙي، ٽانگر، چنبيلي، موتئي تي
رات جا لڙڪ، ماڪ جا قطرا
ايئن ٿا پائيجن پيا دل کي
ڄڻ ڪنواريءَ جي منهن تي موهيڙا!
سنهڙا سنهڙا، پنن تي ماڪ ڦڙا

Soorih Mirani

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايئن محسوس ٿا ٿين ڏوران:
چڻ تہ جلون جي بحر ۾ ٻيڙيون
من جا شهزادا جنهن ۾ آرامي
نور، خوشبو جي راهہ جا راهي
ماڳ پنهنجي وڃن ٿا ڪاهيندا
هر ڪا دل ٻوڏ ۾ ٻڏل ليڪن
آئون ويڳاڻو، بينچ تي ويٺل
هن خوشيءَ جي حسين لمحن ۾
ويٺو ويچاريان پنهنجي حالت تي
رنگ ۽ نور جو هي نظارو
چيٽ ٻڻجي چيي ٻيو دل کي
ساهہ ٻوساٽجي رهيو آهي
رات جيئن، مان بہ لڙڪ لاڙيان ٿو
گهر وڃڻ جو گهٽوئي سوچيان ٿو
منهنجي محبوبہ، روح جي راڻي
منهنجي منزل ۽ زندگي منهنجي
زال، بيمار آهہ عرصي کان
جنهنکي درمل کپي دوا گهرجي
جيڪڏهن گهر وڃان تہ ڪيئن وڃان؟
منهنجي کيسي ۾ پنج پئسي آ
منهنجي کيسي ۾ پنج پئسي آ.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انقلابيءَ جي پٽ کي نصيحت

(ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي نذر)

مٺان نينگر ڊنو آهين
مٺان ٻالڪ رنو آهين
دنيا جي آدرش وادين جي موت ۾ مُرڪيي
سرشتو ڏاڍ جو ڊاهڻ جي خاطر
کڻي بندوق تنهنجي پيءُ آ پيارا
ته جيئن زنده رهڻ جو حق ملي توکي.

مٺان پيارا ڊنو آهين
جو تنهنجو پيءُ نڪتو آ -
انهن جي خاتمي خاطر:
لهو چوسي وڌن ٿا جي غريبن جو
بدن تان ماس پيي کوري ڇڏين ٿا جي
ڪيو جن مبتلا آ فاقيمستي ۾
مزورن کي ۽ هارين کي.

مٺان نينگر رنو آهين!!
جو تنهنجي پيءُ، قبوليو موت مُرڪيي آ
شهادت مُرڪُ آ هنجو

عنايت جهوڪ واري جو پيغام آ-

مائي بختاور ۽ هيمونءَ جي بلنديءَ جو نشان آهي.

تري آيا اٿئي جي لڙڪ اکين ۾
انهن کي تون لڪائي ڇڏ
۽ رهه تيار تون هر دم
اها بندوق توکي ڏني ته ڪٽڻي آ
عظيم آهي اها هٿياربند تحريڪ اي منڙا
وٺي هلڻو آ توکي ڏني انهيءَ تحريڪ کي اڳتي
انهيءَ دم تائين جيسين زنده ڪوئي سامراج آهي
۽ پيرن ۾ لتاڙيا جيستائين تاج سڀ ناهن
انهيءَ دم تائين جيسين فتح جي نوبت وڳي ناهي
انهيءَ دم تائين جيسين ظلم جي نگري ڊٺي ناهي.

متان نينگر رنو آهين
متان ٻالڪ ڊنو آهين
دنيا جي آدرش وادين جي موت ۾ سرڪيي
سرشتو ڏاڍ جو ڊاهڻ جي خاطر
ڪنڌي بندوق تنهنجي پيءُ آ پيارا
ته جيئڻ زنده رهڻ جو حق ملي توکي
ته جيئڻ زنده رهڻ جو حق ملي سڀ کي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دل دوزخ، دل جنت

ڪالهہ مان ٻالڪ هنس
سائي ورتل ٻارڙو.
تڏهين منهنجي ماءُ-پيءُ
سر ڪاڌل، اوڏڪي پٽين پٽيان
هٿ ڪٽي مون لئہ دعائون ٽي گهريون:
ٻارڙا،
ٿل آيڙو ٻيڙو ٽٿين-
خوشيون ڏسين
واءُ ڪوسو ٿل نہ ڪو توڪي لڳي.
منهنجي ماءُ ۽ پيءُ جي جيئري مگر
ڪين اگهجي ڪا سگهي
تن جي هڪڙي ٻي دعا
هاه منهنجا ماءُ-پيءُ!!

آءٌ ننڍڙو، سائي ورتل ٻارڙو-

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اسڪول ڪان ڪاليج تائين-
جيون جي هر ڪنهن موڙ تي
نفرتن، محرومين، مايوسين جي ڳاهه ۾-
ڪهندو رهيس، وهندو رهيس
پر نه مائي مون سکيا:
قياس، قربت، راحتون.

پيٽ جي ٻارڻ کي ٺارڻ واسطي
هر اکهي لحظي کي ٺارڻ واسطي
ماڻهپي جهڙي جياپي لاءِ، اونداهيءَ خلاف-
هر گهٽي ۽ گام تي
روشنين، قربتن ۽ شفقتن جا خواب ڪيئي اڏنل-
پنهنجي پلڪن تي ڏيائين جيئڻ مون روشن رکيا
گيت مالا، قول ۽ خوشبو سان واسيل ڪيئي گجرا-
هر گهٽيءَ جي چوڪ تي
مون سجائي ايئن رکيا
جيئن اڄي ڪو اهڙو پيءُ
جيڪو مٽيءَ جي ڪچن گهرڙن کي بخشي زندگي
هر اکهي لحظي کي ڏي ڪا تازگي
جيڪو پلڪن تي سجايل-
اڏنل سپنن کي ڪا تعبير ڏي
جيئن اڄ جي ڪنهن به ٻالڪ کي نه ڪا سائي وٺي
جو اکيون ڳاڙهيون ڪري
هڙ دعائن کي ٺڏي
فڪر جي قنديل کي روشن ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ جي جيوت لاءِ ٻاراتو ڪڙو ڏيئي وڃي.
جيئن ڪوئي
اڄ جي ڪنهن لاچار، ٻيوس مائٽن جو ٻارڙو
(منهنجي ڪاري ۽ ڀيانڪ ڪالهه جيئن)
ٽڏجي ٽڏجي ست- ڪٽلئي ڪينهوءَ جيان-
رسوا نه ٿئي، پرزا نه ٿئي.

هاءِ ڪلهه جا ماڻهُو - پيءُ
هاءِ اڄ جا ماڻهُو - پيءُ.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـــزل

مـــاڻھو مـــاڻھوءَ جـو ايمان
ڀيو سڀ ماڻھوءَ جـو آپمان
ڪيڏانھن اِڏاڻـي خـوشبو
اجڙيل گھر، گل ۽ گلدان
ڀت تي ماڻھوءَ جي تصوير
گھر ۾ رھي تو، پر حيوان
پنھنجي ٿـي مـن - پيڙا ۾
ڏک آھ، مـري ويو انسان
شـاعر کـان ويو ھـارائي
ھوڏيءَ من جو خاني - خان
ڳـالھ ۾ ايـڏو ڇـو تاثير
لڳي تو وڏيل آهـ جوان
تـاج بلوچ جـي صدقي ۾
آبـاد غـزل جـو ايـوان.

## حيدر بخش جتوئي

برف جهڙو بدن
پوهہ جي رات چڻ!
هنجون پر ڳالهيون!!
چڻ تہ شعلا هجن.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## محبوبہ ڏانهن

ڪڏهن سين ڪانءُ دنيا جي
ڪيوسين ٻيلپو ڏاڍو
تہ ڪوجهن ڪارڙن —
ڪجهہ ٻارڙن جو آئيندو اجري.
انهيءَ جاکوڙ ۾ جاني
رُلي ويو نينهن پر پنهنجو!!

مٿان مايوس ٿي آهين
سسئيءَ ۾ ساهہ آ جيسين
اڃا آ ٻيلپو ڪرڻو
اڃا جاکوڙ ڪرڻي آ
تہ جيسين ڪوجهڙن ۽ ڪارڙن
سڀ ٻارڙن جو آئيندو اجري.

—

## ماڻڪ جي موت تي

آئينا چُور ٿيا
هار ـ سينگار ڦِـٽا
عڪس رنگين هئا جيڪي ٽٽي پيا سارا
سارو ماندڱاڻ تي زهرآب ويو
درد بيتاب ڪيو.

ڪوئي چهرو نہ ٿي پنهنجو نہ پرائو ٿو لڳي
هر ڪا صورت ڪنهين بيواهہ جيان
پنهنجي آزار جي اوڙاهہ ۾ ڏٻجي ويئي
سونهن جيون جي تہ لـَٽجي ويئي.

ڪوئي سپنو نہ وري ڪا ساپيان
سارا احساس مري ويا آهن.

پنهنجي گهر ڏانهن ويو ٿي رستو
مورچا ان ۾ کنيا ويا آهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوئي آهي جو دوناليون ٽائيو
گُسُ خوشبو جو جهليو ٻيٺو آ
گهر جي سرهاڻ مگر!!
اهڙي دوزخ ۾ ٻه گهليو ٿي وڃي
پاڻ جنت جا تمنائي ڪٿي؟
پر هي دوزخ ٻه ڪڏهن هو منظور!!

تون ته ڇوواٿي تان موٽيو آهين
پنڌ منهنجو ته اڃان آهه پرانهون ڏاڍو
ڇهري ڇهري ڪي سجاڳپ ڏيئي
سونهن جيون جي ته موٽائڻي آهي
ڪنهن به آزار جو اوڙاهه نه رهڻو آهي
ساهه سرهاڻ ۾ ڪٽڻو آهي.

تون جو ڇوواٿي تان موٽئين ساٿي
آئينا ڇڏور ٿيا
هار - سينگار ڦِٽا
عڪس رنگين هئا جيڪي ڊٺي پيا سارا
سارو مانداڻ ٿي زهرآب ويو
عارضي طور سهي
درد بيتاب ڪيو
ڏاڍو بيتاب ڪيو.

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خوشبوءِ جو شهزادو

گندي بستي
بک جي نگري
جهوپڙ جون بي جوڙ قطارون
بدبوءِ ۽ اونداهيءَ جو راڄ

روشني ۽ خوشبوءِ جو شهزادو آيو
هڪ اونداهي جهوپڙيءَ کي جرڪائي ويو
خوشبوءِ کي ڦهلائي ويو.

ڪجهه عرصي کان پوءِ
ناليءَ ۾ هڪ ڪيڙو اسريو
بدبوءِ جو پنڌار وڌيو
خوشبوءِ جو دم گهٽجي ويو
لات کي ڪاري ڀات ڇڏيو ڪڙڪائي.

گندي بستي
بک جي نگري
جهوپڙ جون بي جوڙ قطارون
بدبوءِ ۽ اونداهيءَ جو راڄ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اٹڈريو

حرف حرف جي ٻيهڪ ٻڳڙي
جذبي جو اتساهه مٺو
لفظ لفظ جي معنيٰ بدلي
لهجي جو ويساهه مٺو.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اٺون رنگ

ڪٽڪ جو ديرو

ٻنهي:

ڊوهي وڏيرو!

آيوون ڏانداريون.

—

# غزل

ڏور ڏسڻ ۾ ڪيڏا آهن
ساهه کان ليڪن اوڏا آهن

پنهنجو ساٿ انهن سان آهي
جيڪي اڏول ۽ ارڏا آهن

روح مرڻ تان ڀلي ڇڏيوسون
هاڻ جيئڻ جا وارا آهن

آهن جيڪي سخن پويان
تن سان روح جا رشتا آهن

ڪنڌ ڪات جي ڪهڙي ذات
پاٿر هيٺي جاڙا آهن

پنڌ پرانهون راهه اڻانگي
تڏهن ٻه اڳتي پيرا آهن

پاڙي ۾ گل ڳاڙها نسريا
هتي ٻه پيرون پڪا آهن

بدن بدن تي گهاءَ جي صورت
تاج، لڪيل ڪيڏارا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪاتيارڻ

چرخو چوريان
پوڻيون ڪاتيان
هر ڪڙڪي تي
هينئڙو ڏڙڪي
در ۾ جهاتيون
من ۾ ڪاتيون
صديون گذريون
ڇڻ ڪي گهڙيون
پو به الاجي
تنهنجي دلبي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسر وندي
دلڙي ماندي
ڪين مڃي ٿي
آس ٻڌجهي ٿي
ايندو ايندو
ڪين ڇڏيندو.

چرخو چوريان
پوڻيون ڪاتيان
هر ڪڙڪي تي
هينئڙو ڌڙڪي.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غـــزل



اوندهه جو ڪليجو چير ڪري چانڊاڻ ڪٿي آيو آهيان
هن جڳ جي لئي مان نور نرالو ساڻ ڪٿي آيو آهيان
مستي ته ڏسو، هستي ته ڏسو، انداز ڏسو شهزوريءَ جو
ان جيئڻ ڇڳلي، اکين ۾ سچو مهراڻ ڪٿي آيو آهيان
پيشاني لهو ۾ لال اٿم، سينو به سٽيل ۽ زخمي جسم
غاصب ڪان پلئي جيڪي به پيم، تو ڪاڻ ڪٿي آيو آهيان
سرمست هئا، سرويچ هئا، رت ريج ڏنو جن ڌرتيءَ ڪي
ان مست مٽيءَ مان مٺ پري ڳاڙهاڻ ڪٿي آيو آهيان
مقتل ڏي هلو، پنتي نه ڏسو، هي رسم ادا هر بار ڪيو
دودي جي ڏسيا هيمون جي ڏنا اهڃاڻ ڪٿي آيو آهيان
وارن ڪي چنڊي خوشبو ڪي پڪيڙي تاج پلي محبوب نه ڪو
پورهيت جي پسيني مان جا ملي سرهاڻ ڪٿي آيو آهيان.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۲۲

## نئين رت

گلن جي خوشبو
ڪين ٿيپي سگهندا
طاقت جا بدو.

—






## گلال جذبو

ڪين ڪٽي سگھندا
ڏاڍ جا پوڄاري
جوڏن جا رستا.

—

# ٻول رنگ - رتول

هڪ پيري جي توريءَ گڏجاڻيءَ ۾
ٻي تفصيلي گڏجاڻيءَ لاءِ
تو پنهنجي فون جو نمبر لکرايو هو
مون جيڪو
سگريٽ جي پئڪيٽ تي نوٽ ڪيو هو
۽ جنهن کي خالي ٽين ڪانپوءِ
بي خياليءَ ۾، مون اڇلايو هو.
ورهيه وهاميا
توکي ۽ ان سگريٽ جي خالي پئڪيٽ کي
ڳولي ڳولي ساٽو ٿيو آهيان-
۽ تنهنجا رنگ رتول ۽ جيءَ جيارينڌڙ-
ٻول ٻڌڻ جي خاطر، آتو - ٻاتو آهيان.
۽ تون جي ڪٿي هي نظم پڙهين
'فور، سڪس، ايٽ، ٽري، نائن، ايٽ' تي-
قرب ڪري مون کي فون ڪجانءِ
مان تنهنجو فون اٽينڊ ڪرڻ جي خاطر
ورهين تائين
تنهنجي اوسيئڙي ۾ رهندس سانئڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غـــزل

سڀ وساري ڇڏيون
آءُ هڪ ٿي وڃون

هو نہ ٻرچي نہ ڇا؟
هن کان وڇڙي وڃون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيهر ٻاهر ڪريا
منهنجي گهر ڪنڪريون

پاڻ وٽ دل ئي دل
چا ڏيون چا وٺون

منهنجا جيڏا ٻه سون
تنهنجون سرتيون سچيون

نفرتون ئي ملن
جهول مرڪي جهليون

ڪي نوان ڏنج ڏيو
من ڪو مرڪي پٺون

ٻاجهه ۽ ماڻهپو
ڪي اڏارا وٺون

چنڊ چولين چلي
آهُ ويرون ڳٽيون

ڪانهُ چو تو لنوي
چا ٻڌون چا چئون

سونهن ڪمزوري آهه
تاج ڪاڏي وڃون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

راڳي ڇيڙ نئون ڪو راڳ
دل ورتو آ ويراڳ
راڳي ڇيڙ نئون ڪو راڳ

ڳليءَ ڳليءَ ڪي ننڊ ڪئي وئي
پنهنجي اکين ۾ جاڳ
راڳي ڇيڙ نئون ڪو راڳ

بند گهرن جي ڳڙ ڪين وانگيان
ڪليا نه پنهنجا ڀاڳ
راڳي ڇيڙ نئون ڪو راڳ

اندر ۾ اٿنيهيون راتيون
ٻاهر چنڊ جا چاڳ
راڳي ڇيڙ نئون ڪو راڳ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

سونهن واريون صورتون
زندگيءَ جون آيتون

چند ڪرڻن جو لباس
پائي آيون جلپريون

ويئون نيڻن ۾ رچي
گلرخن جون رنگتون

آجيان گلبوءِ جي
پوپٽن جون چاهتون

درد وارن جا هجوم
وستين ۾ رونقون

تنهنجو منهنجو تجربو:
جڳ ۾ جوڙيون جنتون

تاج پنهنجو مشغلو
چاهتون ڏيي چاهتون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شاعر ۽ پتنگ

(لينن جي سو سالا سالگره تي)

اي پتنگ!
منهنجي ٽيبل ليمپ تي، ڦيرا نہ ڏي
تنهنجي جاڳڻ ۽ جلڻ جي چاڻ ساري تو رکان
پنهنجون محروميون ۽ ناڪاميون لڪائڻ واسطي
تون سڙي، بس ساڙ پاڙي تو سکهين
موت ـ تنهنجي بزدلي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي پتنگ!
منهنجي ٽيبل ليمپ تي
ڪين روزانو ڦري ڦٽڪي گهڙيءَ ۾ ساهه ڏي
نينهن منهنجو شينهن آهه
پيار ۾ تون جان ڏين ٿو
آءٌ ليڪن
ڪنهنجي ڪهري ۽ پسيني سان پريل-
زخمي بدن جي ياد ۾:
جنهنجون اکيون ڇڻ نه ڪو ويران کوهه
جنهنجو چهرو زرد زرد
پيٽ سان پٽر ٻڌل
جيڪو چمنيءَ جي دونهين ڪي-
پاڻ ٻاري پيي سلامت ٿو رکي
جيڪو سونا سنگ ڌرتي مان اپائي-
پاڻ فاقا ٿو ڪڍي
جنهنجي ڏاٽي ۽ هٿوڙي تي اڃا
زنگ ڪو ناهي چڙهيو
جيڪو ظاهر ۾ گهٽو ڪمزور آهي پوءِ بہ-ي
ڏاڍ جي اکين ۾ ٿو اکيون وجهي.
ظلم کي ڏارڻ ۽ ٽارڻ واسطي
پنهنجي هستيءَ کي بچائڻ ۽ مچائڻ واسطي
جڳ ۾ ناانصافي، ناهمواري جي آهي خلاف
رات ڏينهن هلچل ۾ جو آهي رڌل
امن جو پيغامبر
منهنجو سو محبوب آهه.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءٌ جنهنجي عشق ۾
آس ۽ اميد سان ڀرپور سپنا سرخ سرخ
پنهنجي پلڪن تي سجائي-
جاڳي جاڳي، ڦٽڪي ڦٽڪي گيت ڳاڙها ٿو لکان
هنجي صورت ٿو چِٽيان
سور ڏاڍا ٿو سهان
(موت جهڙا سخت سور)
پوءِ ڀي زنده رهان.

منهنجو جاڳڻ ۽ جلڻ
منهنجو ڪامڻ ۽ ڪڇڻ
تو جيان بيسود ناهه
تو جيان بيڪار ناهه.



سچ سان ٿمتار منهنجو سينو آهي نور نور
موت مون کان ڏور ڏور
پيار منهنجي روشني، جاڳڻ منهنجي زندگي
اي پتنگ!
منهنجي ٽيبل ليمپ تي ڦيرا نه ڏي.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

ڀت تـﮱ لنوي ڪانءُ
منهنجو ڪنبي هــانءُ
ڀت تي لنوي ڪانءُ
جيون جهومي ڳــائي
تنهنجو وٽـــي نــانءُ
تــو بــن ڏاڪ منجهند
ڪـين وٽــي ڇــانءُ
واريءَ جي واٽـــن تي
ليڪيان تنهنجو نانءُ

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

پيار تنهنجي جا مامرا آهن
مون اڪيلي ٿي ڏک ڏٺا آهن

ساهه کان جن وڌيڪ سمجهيو ٿئي
مون کي تنها ڇڏي ويا آهن

ياد آيا جو سانورا ماڻهو
چاڪ دل جا چڪي پيا آهن

خوشبو ماحول ۾ ڀري پيئي
تنهنجي ساهن جا سلسلا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ادراڪ

رات پاڇولي ڪارنهايو ٽٽي بلب سان:
ڪجھ ڏهاڙا اڳي
چند ماڻهن هتي
ڏاڍي پاڻهه مان۔
ڪل جو ڏنڌڻ هڻيو هو!
انهيءَ جاءِ تي اڄ
مگر، ڏس ته بندوق نسري پئي آ!!
رات پاڇولي ڪارنهايو ٽٽي بلب سان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هڪ جذبو

برسات ۾
ڳـاڙهيءَ جو پنجو ڳنيرائڻ ڪلاڻ
ولڪنائيزر سان ويٺو آهيان
ڳالهيون:
ٽويوٽا، اڪارڊ، ڊيٽسن، شيراڊ.
اينري ۾
ساماٽيل سنڌو ۽ سڀاجهي نيمگر
چپ چوري
هٿ ڦهلائي ٿي:
؟...... ......
؟............
ولڪنائيز جو نوڪر، چوڙو
مونڊي نهاري
زور زور سان رڙ ڪري ٿو:
سائين، اڇا اور سستا مال هي ليجائو
عيش ڪرو برسات مناءُ.
مونکي ايئن محسوس ٿئي ٿو:
ڄڻ منهنجي ٿي ڪا نياڻي
پيٽ جي آڳ اجهائڻ خاطر
منهنجي آڏو بيڪ مگڻ جي ڳار سهي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

مون کي پاڻ سان زهرآب پياريو يارو
چوٽڪارو مون کي فرقت کان ڏياريو يارو

هيڪلائي ۾ الائي ته ڪٿي گم آهيان
مونکي ڳولڻ جي ڪيو، مونکي پڪاريو يارو

درد جو هاڻ اڳوڻو نه رهيو آ احساس
ڪي نوان چهڪ ڏيئي، مونکي روئاريو يارو

تاج نفرت جي حوالي سان مري ڪين سگهيو
هنکي مارڻ جي ڳهرو، پيار سان ماريو يارو.

—

## پلصراط

اسين وڏ-گهراڻا ماڻهو
ترسجي ۾
جوڙ نہ جيس اسان جو ڪوئي
پر منهنجي
مون ڪان ننڍي
جواڻ-جماڻ ۽ ڪنواري ڀيڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکي جي ماڻهوءَ سان پڇجي وڃي آهي
گهر جي لڄ لٽجي وڃي آهي.

گهر سڄي ۾ ماتم آهي
پر منهنجي
مون کان وڏي
اڄي مٿي سان ڪنواري ڀيڻ
خاموشيءَ سان
پنهنجي ڪمري ۾
ٽيپ - رڪارڊر تي
شاديءَ جا گيت ٻڌي ٿي.

اسين وڏ - گهراڻا ماڻهو
ڌر سڄي ۾
جوڙ نه جيس اسان جو ڪوئي
اسين وڏ - گهراڻا ماڻهو.

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گونگيون ديواريون

سانت جي دهشت کان لرزن ٿا وجود
ماٺ ڪيڏي آهه ڏس ماحول ۾
ڇو ته ڪو راڪاس ويو آهي گهمي
ساهه ٿو پوساڻجي
هڪڙي لحظي لاءِ پي
ڪونه ٿو جهوڙو گهلي
ڇو هوا جي گس - پيرن ۾ وڏا وڀا پيڪڙا
بيوفا جي شهر کان پي
ڪو نياپو ۽ سنيهو ڪونه آهه
شهر جون گونگيون پٽيون
ڪهڙي ٻوليءَ ۾ الائي زور سان
ڇا ته ڳالهائين ٿيون
ڪوئي آهي جو ٻڌي سمجهي سگهي -
گونگي ديوارن جا سڏ
سانت جي دهشت کان لرزن ٿا وجود
ماٺ ڪيڏي آهه ڏس ماحول ۾.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## گيت

هو جو آيو ڪڙيا بهار جا رنگ
پيا اکين ۾ ٽڙي قرار جا رنگ
ويا وڇوڙي ۽ انتظار جا رنگ

در ڪليو آهہ چڻ تہ خوشبوءِ جو
گل ٽڙيا ساهہ ساهہ ڀهڪي پيو
ذري ذري ۾ هن جي پيار جا رنگ

هڪ نئين سونهن روشني جاڳي
گونج پئدا ٿي زندگي جاڳي
۽ مليا ننڊ کي خمار جا رنگ

آهہ وڻ وڻ جو ٻُور - نور نئون
زندگيءَ کي مليو سُرور نئون
ڪجلي نيڻن ڪيا ملهار جا رنگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## او بيوفا

تنهنجا هٿ تنهنجون اکيون
چپ ۽ پيشاني پرين
مون چميا، ڀوڳا ڪئي
پر سرھ جي-
سڄ جي ٽڙڪي جيان
بيوفا بي مهر تون نڪري پئين!!

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

ڏات جي روشن شهر جي مون کي شهزادي ملي
ذهن کي تاريڪين کان ڇڙ تہ آزادي ملي

يا تہ ڪوئي ٻوهہ هو ۽ يا اکين جو ڏوهہ هو
واٽ ۾ جهڪا ملي سرسبز آبادي ملي

تن ٿي خلقي آهہ دنيا ۾ سکن جي ڪائنات
جن کي حصي ۾ ازل کان آهہ ناشادي ملي

تاج، ڪيئن ٽڙپي سگهي ٿو، سو پرائي درد تي؟
پنهنجي هستيءَ کان ٿي ناهي جنهن کي آزادي ملي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪارو ڪاري

جوڀن جرڪو
اڇو ٽڪو
ٻرن جهڙي
ڳاڙهي چٽني
سنڌوءَ جي لڙائيل اهرن ۾
لڙهندا ويا
ڇوندا ويا
ويهين صديءَ ۾
ڏاڍي پراڻي
درد ڪهاڻي.

—

# عڪس

(ناتال جي موڪلن ۾ ڪينجهر تي)

(١)

ڪينجهر
لهندڙ سج
تنهائي.

(٢)

ڪينجهر
نظر - نهار
گهرو، نيرو پاڻي
چئ منهنجون اکيون!!

(٣)

ڪينجهر
اونداهي
ڊونڊيون
لاٽ:
وڌندڙ تبديليءَ جو اهڃاڻ.

(٤)

ڪينجهر
رات - سانت
پولار
نوريءَ جا سڏڪا
هانوَ ۾ وڍ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٥)

نہ ترڙ نہ تماچي
نہ رڃ نہ راڙا
ماڻهو
پٽين اگهاڙا.

(٦)

پوهہ جي پوئين رات
ڪينجهر ۽ ملاح
ليٽيون - پيٽيون
بک جون الٽيون.

(٧)

ڪينجهر
سينٽرلي
هيٽيڊ
ريسٽ هائوس
خاموشي
تنهائي
۽
ڏڪندڙ
ڏمرن
جسمن جي ياد.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## عڪس

ڪنگ ڪنارن تي
پولارن ۾ سرڙيون
جهنگل ۾ شايد
مري ويون هرڻيون.

سُڪي سَڙ ويا
موتيا هيل نه هنج
توڏن، تازين تي
ڪيئن سجايا سنج!!

جيئڻو آهه سدا
مور نه آهي مرڻو
راڻ نه ڪُرڻي سگهي
پرهه جو ڪرڻو

ڪنارن تي سپون
موتي منجهه سموند
خوشبوءِ جي ڪاريءَ ۾
ڍونڍي ڪوئي ڍونڍ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# درد جو پاتال

امڙ او امڙ، منهنجي پياري امڙ
ڏسي منهنجو جوين
تو ور آهه مون لاءِ کوليو!
جو پنهنجون پرايون
اسان جي اڱڻ تي اچي
سنجها کان کپل رات تائين
هي روزانو تاڙين جا ٺهڪا وسائي وڃائي
سريلا سريلا هو لاڏا ۽ سهرا
خوشين جا پيون کيچ کائن!
نٿيون حال منهنجو مگر سي ڏسن ۽ پڇن؟
هي تاڙين جا ٺهڪا
هي جهمريون جمالا
مون کي ايئن لڳن ٿا
تيو موت جڻ آهه ڪنهنجو!!
اهي سڀ پرايون ۽ پنهنجون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي مايون ۽ ڀايون سهيليون ۽ سرتيون
انهيءَ موت تي ڀاڻ ماري ۽ سينو ڪٽي ڇڻ
پيون پار ان جا ڪيڏين.

امڙ او امڙ توکي احساس ناهي انهيءَ جو
ڏسي منهنجو جوڀن
اڄايو ٿي درزي گهرائين ۽ ڪپڙا سبائين!
اهي تنهنجا ڪيمخواب اطلس جا ڪپڙا
بدن منهنجو وڻ-ويڙهي وانگيان وڪوڙي ڇڏيندا
وڪوڙي، نيپوڙي، نهوڙي ڇڏيندا!
سندم دل جي پاتار ۾-
ڪنهنجي يادن جا آهن ڪنول جي ڪڙيل!
ڪنٿهار، رابيل، مگري ۽ ٽانگر جيان-
مست سرهاڻ ڪنهنجي بدن جي
رچي روح ۾ منهنجي ۾ آهي وئي جا-
سدا ذهن منهنجي ۾ جوڀن جياريل-
بهارن جيان جيڪو چهرو وسي تو
اهي عڪس، يادون
۽ يادن جي خوشبوءِ سان واسيل وجود
مٿان ڪنهن به بيواهه جي-
سينڌ وانگيان نه اجڙي وڃي
مٿان ڪنهن نه ويران جهنگل ۾ مڪڙي اڪيلي جيان
ڪلهڙ ڪان اڳيئي-
درندن جي پيرن ۾ چيپاڄي سو وڃي؟
امڙ او امڙ ڪار اهڙي نه مونسان ڪجانءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي عڪس، يادون ئي ميراث منهنجي-
انهيءَ ڪان سواءِ، ناهه سرمايو ٻيو

امڙ او امڙ، منهنجي پياري امڙ
تون منهنجي جواني ڏسي
اجايو ٿي سونارو گهر تي گهرائين!
صرافو جي مون لاءِ ڳهڻا گهڙيندو:
اها نت ڌري-
اهو ٻولو، ٻينسر، ٽڪا ۽ پنجا
ڇڪا ۽ ڇلا ويڙهه منڊيون
اهي جهمڪيون، پنڙا ۽ پازيب، ٻانهين ۽ هار!
امڙ او امڙ جي تون مونکان پڇين:
اهي سارا زيور ٻڌي سڀ مونکي ڏنگيندا ٿي رهندا
۽ ساري حياتي ڪندا زهر منهنجي
امڙ او امڙ جي تون منهنجي مڃين
(انهيءَ ڪان اڳي جو مان اڳرو قدم ڪو کڻان)
اهو ڏاج مونکي کپي ئي نٿو، کپي ئي نٿو
رڳو تن ڪپڙن ۾ مونکي پرينءَ جي حوالي ڪري ڇڏ
رڳو تن ڪپڙن ۾ مونکي پرينءَ جي حوالي ڪري ڇڏ
امڙ او امڙ منهنجي پياري امڙ.

—

١٤٩

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## دوزخ

نـت نئون زخـم نئون درد مليو
هٿ، هٿ سان جو مليو سرد مليو
مون تہ گهولا ٿي ڪيون شاديون:
پر جـو چهرو بـہ مليو زرد مليو.

—

# آئيڊيل

هن جون اکيون شراب جهڙيون اکيون
هن جون پلڪون ڪا چيٽ جي لوري
وار ڄڻ اٿيهين جي اونداهي
هن جو چهرو زمين تي ڪو چنڊ لٿل
هن جا چپ ڄڻ گلاب جون پتيون
قد مانجهاڊڙي کي مات ڪري
گفتگو ڄڻ تہ جلترنگ وڄي
جي هو جهونگهاري ٿر تي مينهن وسي
جي هو مرڪي تہ زندگي مرڪي
موت کي چاهي جي حياتي ڏي
هن جون اکيون شراب جهڙيون اکيون
جي ڏسي ڪوئي مست مست ٿئي
بن پيئڻ جي ڪو ڳائي ۽ جهومي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# التجا

آلبم پنهنجي مان
منهنجون تصويرون ڪيدي ڦاڙي ڇڏ.

مون کي ويچارو ۽ مفلس ڄاڻي
روح - رشتي کي تو ٽڪرائي ڇڏيو
آدرش تنهنجا بدلجي به چڪا
هاڻ تو لاءِ آسونهون ئي سهي
روح - رشتي جي ڪا هستي نه سهي
مونڏي نفرتن مان نه اڇلاءِ تون پٿر سائنڻ
تنهنجي منهنجي ئي حوالي سان متان
ڪوئي افسانو ۽ يا نظم ٿئي ڪو تخليق.

ان ڪان بهتر ته ائين ئي ٿيندو
تنهنجو منهنجو جي ڪوئي رشتو هو
لوڪ کان ان کي لڪائي ڇڏيون
ماضي ڪفنائي ۽ دفنائي ڇڏيون
متان دنيا کي المناڪ فسانو ڪو ملي

آلبم تون جي ڪڏهن ڀي کولين
روح رشتو ته ڪچي تند قبول آهي پر
توکي تصوير رنئاڙي نه متان ڪا سائنڻ
تنهنجا ئي لڙڪ نه توکن توکي
عرض منهنجو جي اڳهائين سائنڻ
منهنجون تصويرون سيئي
پنهنجي آلبم مان ڪيدي ساڙي ڇڏ.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وقت چوي آءُ بادشاهه

حسن جي پيتا ۾ چونديل چوڪري
ڪائي هيلن مورگن (١)
سونهن جي ڪوڙي سَند ۽ تاج کي
پرزا پرزا ۽ پچي پورا ڪري
پنهنجي رچرڊ ڪڪ جي تخليق کي
(چڻ تہ عيسيٰ جهڙي ڪائي سوڪڙي
چڻ تہ ڪنهن تخليق جو فطري عمل
وقت جو ڪو بند پيي جنهن کي نٿو روڪي سگهي
جنهنجو ڪوئي ملهہ ناهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت جي جهنڪي نہ ڪائي-
ساهمي توري سگهي.)
پنهنجي پاڪر ۾ پريو
ٻاڪ ٽاڻي ماڪ ۾
جيئڻ ڪا ڪومل ڪلي
آس جي گرمي سبب
ڦول ٿي مهڪي هجي، ٻهڪي هجي
سا ائين مرڪي پئي
سا ائين مهڪي پئي، ٻهڪي پئي.
مونکي مريم جي تقدس جو قسم
ان جيان ٿي هوءَ لڳي مونکي عظيم
پنهنجو ٻالڪ گود ۾ عيسيٰ ڪنيو
سونهن جي راڻي سا هيلن مورگن-
پئرس جي سهڻي شهر ۾
ايئن لڳي مون کي اڏول
ڪنڌ ڍرڪيل جڻ صليبن جا هجن.



(١) ٦ ڊسمبر ١٩٧٤ تي پئرس ۾، بنا نڪاح جي ٻار ڄڻڻ واري ،مهڻي سبب حسن جي پيتا ۾ چوتبديل مس ورلڊ جو تاج ڏڪرائينڊڙ ٢٢ سالن جي خاتون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حق جي جوتي

(سچل سرمست ڏانهن)

تــو جا واٽ پڏائي آهــي
ڪير پلا ان ڪس ڏان هلندو
تو جـــا لاٽ جلائي آهــي
ڪير انهيءَ جي پويان ايندو
تــو جــا واٽ بتائــي آهــي
ســـا ته اٽانــڳي ڏاڍي آهي
ان واٽ ۾ سر جو جوکو آ
هت ماڻهو مٺيءَ جو ٻوٽو آ
ڪيئن انهيءَ ۾ تحرڪ ايندو
ڪيئن پلا ســو اڳتي وڌندو
ڏڙ سسيءَ کــان ڏار ڏريندو
ڪنڌ ڪپائي ڪونڌر ٿيندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ڪيئي آهــن ديوانـا
ســي ديـوانــا ڇـا فرزانــا
حق سان جندڙي لاتي جن آ
سانئي - ڀانئي، ڪاتي جن آ
مرڪي موت قبولڻ ايندا
ڀ سوريءَ کي سينگاريندا
هڪڙا مرندا، ٻيا ڪي ايندا
حق جي بات ٻڌائي ويندا.

تـو جــا آهي واٽ ٻڌائي
لال لهوءَ سان ريتي رهندي
حق جي جوتي جلندي رهندي
ظلم جي نگري ناس ٿي ويندي
هرڪو بــوتو پــرزا ٿيندو
ماڻهو مرڻ لئه آتو هوندو
ماڻهو جيئڻ لئه آتـو هوندو.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## انسانيت

اولـهہ اوپــر
هيـڏي هـوڏي
چئـني پـاسي
ملڪ ملڪ جي
شهـر شهر ۾
واهـڻ واهـڻ
وسـتيءَ وستيءَ
چوؤ واٽـن تـي
جوانُ جماڻ ۽
سـهڻي سهڻـي
هڪڙي نينـگر
الف اگـهاڙي
ڏرتيءَ سان جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر ٽڪرائي
ڦٽڪي پيئي
پاڻ پنهي مان
ڪوئي ناهي
جيڪو هن کي
پٽ تان چائي
ويس ڍڪائي
سيني لائي
پنهنجو ٻڻائي

اولهه اوپر
ڏکڻ اتر
چئن ڪنڊن تي
جوان جماڻ ۽
سهڻي سهڻي
الف اگهاڙي
هڪڙي نينگر
زخمي زخمي
جيتن - هاڻي
تو ۽ مون جو
روڳ لڳايس
ٻوڳي پيئي
نير وهائي
ڦٽڪي پيئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهه شهيد ڏانهن

ڪا ڀونءِ ڀلاري ٿيندي آ
جوڌن کي جنم جا ڏيندي آ

ڪا ڀات نياري ٿيندي آ
مُرَدن کي جياري ويندي آ
ڪو ظلم ڪٽي جي ٻرندو آ
ڪو ڪات هٿن ۾ ڪڻندو آ
ڪنهن جُوءِ ۾ مشعل ٻرندي آ
پوءِ ويجهي منزل پوندي آ
ڪو شاهه عنايت ايندو آ
۽ جام شهادت پيئندو آ
پوءِ لال لهو جي وهندو آ
هڪ ٽڪ ٻڏي سو بيهندو آ
۽ ريج زمين کي ايندو آ
سو سچ نئون پي ڏسندو آ
ان بعد فصل جو ايندو آ
انمول نسل جو ايندو آ
ڪا اڻ ٽيٽي ٿي ويندي آ
مظلوم کي هستي ملندي آ
هر دور ۾ شامت اچڻي آ
هر بار شهادت ٿيڻي آ

سا ڀونءِ ڀلاري ٿيندي آ
جوڌن کي جنم جا ڏيندي آ.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ظرف

ڪنهن پڇيو:
تاج صاحب!
ظرف جي ماپڻ جو ڪهڙو ماڻ آهي؟
منهنجي ڳالهائڻ کان اڳ
ڪنهن چيو:
هن دور ۾-
پل ته ڪيڏي ٿي خراب
صحت جي دشمن وڏي
پل ته ڪيڏي ٿي ڪڙي ۽ قيمتي
(منهنجي توبهه، منهنجي زاري-
رب منهنجا الامان)
پڻ هڪ وسڪيءَ سنڌي.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منهنجا مارونئڙا

(سنڌ جي سمورن شهيدن جي نالي)

دار تـي رقص ڪـن منهنجا مارونئڙا
زهـر مرڪي پيئن منهنجا مـارونئڙا

شـيردل پيلـتن منهنجا مـارونئڙا
جن ڪان ڏونگر ڏڪن منهنجا مارونئڙا

جن ڪي سر سان ڪفن منهنجا مارونئڙا
جي مـري تـا جيئن منهنجا مـارونئڙا

رت رتا رهـن گهاءَ سـيني مٿن
پـو بـه اڳتي وڌن منهنجا مـارونئڙا

هي جي اٿلي پون ٿيون ڪنارين ڪنين
صـف شڪـن تيغ زن منهنجا مارونئڙا

ايئن مرڪي ملن جيئن مکڙيون ٽڙن
روح جـن جـا چمن منهنجا مـارونئڙا

گيت گونجار ڪن روح سـرشار ڪن
اهـڙا گفتا ڪڏن منهنجا مـارونئڙا

تـاج هيڪر اچـن خوشبو اوتـي وڃن
گلبدن گـلبدن منهنجـا مـارونئڙا.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گيت

منهنجا خط تصويرون
گيت غزل ۽ تحريرون
سڀ ياد ڪري تون روئنديِنءَ
مون کي ياد ڪري تون روئنديِنءَ

منهنجون آهون واڪا
ٻولارن ۾ ٻرندا
تو لئه مون جيڪي گيت لکيا:
سڀ ياد ڪري تون روئنديِنءَ

جيون سوچون سپنا
وکري وکري ويندا
ڪي عڪس نه باقي بچندا
سڀ ياد ڪري تون روئنديِنءَ

منهنجا قصا هوندا
ڳليءَ ڳليءَ ۾ چرچا هوندا
ماڻهو تو کان پڇندا
سڀ ياد ڪري تون روئنديِنءَ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنو عاقل

ساٿيو، ڳڏجي سڏجي ان ماڳ وڃو
جتي ظلم ڀريو پيو آهي
جتي اسان جي
سندر، ڀڳڙ نارين، امڙين ۽ ڀيڻن
ارڏن ۽ اڙٻنگ پيئرن ڀائرن
جوڌن جوشيلن ۽ جُنگ جوانن
مانجهي مڙس مٿيرن
ڳاڙهن ڳڀرن، ڀوڙهن ڀڪن
۽ ٻين ويڙهاڪ جهونجهارن جون
قبرون ڳس ۽ سارا ڳوٺ
چانوٽيءَ جي ڇايا هيٺ اڇي ويا آهن
جن لانگ - ٻوڙن جي پيش قدميءَ کي
روڪڻ واري سنگرام ۾-
وڙهندي وڙهندي، جام شهادت پيتو آهي.

ساٿيو، هر وستيءَ ۽ واهڻ جي چوڌار ڏنل
نوڪيلي لوهي تارن جي لوڙهي کي
رت وهائي ٻوڙيو - لوڙهيو
۽ ويريءَ جي وڌندڙ يلغار کي
لاشن جا انبار لڳائي
ازل ابد لئه ڏوڪيو - روڪيو
۽ سيني سورهيه سانگين جي
رت جو مان ڪيو، سنمان ڪيو
۽ ديس جو اوچو شان ڪيو.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# PEACE

Swarms of eyes
Pretending bats
to the conspicuous sun
Colonies of tongues
ostriched in mouths
with fear - dumbed words
A dozen hands
ready to shoot
the instant one moves
set in their places
passive like death
as seemingly unconnected
Some one will have to see and speak
and bear the bullet
for a sign of life.

FARIDA FAIZULLAH

—

Soorih Mirani

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## امن

انڌ ڳڻيون اکيون
چيچڙيچڙي جيان
سج کي ڏسڻ جو ڍونگ رچائن ٿيون
زبانن جون وسنديون
شترمرغ جيان، ٻنل ۽ گونگيون
مُنهن مُوَنَ ۾
ڪيئي هٿ، ٿوريءَ چُرپُر تي
گولي بازيءَ لئه تيار
گس تــي ويٺل بي حرڪت
موت جيان مو ڳيا
ڏسڻ ۾ غير واسطيدار
شيشي ۽ گاهه جيان چپ چاپ
ڪنهن کي ڏسڻو آهي
۽ ماٺ جو ماندانڻ ٽوڙڻو آهي
۽ جيون جو ثبوت ڏيڻ خاطر
گولي کائڻي آهي۔

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## PIRANHA

At the moment we discover him, his shirt remains
unruffled with one red hole - almost unnoticeable-
in front, beneath which his liver is being drilled
into slowly. His jacket still retains
its intended creases and is free from stains.
At the end of one arm, where his hand
was, there sprouts a wriggling frond
of the Feeders. The irreversibility of what's taking
place, bemuses us. The end
is known. There's only the process of waiting.
His collar is immaculate and his tie
only slightly askew. His hair is neatly combed
and well - pomaded. His eyes
are lucid, noting colour, form.
His mouth is wide in an unending scream.

SALMAN TARIK KURESHI

—

Soorih Mirani

# پڙانا

(خونخوار مڇيءَ جو قسم)

جنهن وقت ملي ٿو
هنجي قميص تي ڪو ڪهنج نٿي ڪونهي
پر آڏو هڪ ڳاڙهو ٽڪ اٿس
اڻ لڪائيتو.
انجي هيٺيان
هوريان هوريان
سندس جيري ۾ ٻرمو ٿي رهيو آهي
۽ جيڪيٽ جي ڪريز به سلامت آهي
داغن کان آجو
ڪرائي جي ڪنڊ تي، جيڪو هٿ چئبو هو
هاڻ ان جاءِ تي
ڇرندر پرندڙ ٻوٽي جي شاخ جيان
ڪجهه ڦٽي رهيو آهي
جو ڪجهه ٿي پيو، اٿتر ۽ بيهوش ڪندڙ.
آنت جي چاڻ اٿئون
۽ رڳو اوسيئڙي جو سلسلو آهي
هنجي ڪالر بي داغ آهي
ٿوري ٿاءِ ڇرڪي اٿس
وار سٺيا ۽ ڦٽي ڏنل
اکيون چٽيون پٽيون، رنگن ۽ گهاڙيٽن کان واقف.
هنجو وات ڪليل آهي
ڄڻ ڏگهي راڙ ڪندو هجي.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## POEM

There is a silence that delves for pain
sounds that float around us
aching to be words
to be music
This summer
gul-mohur flowered
before its time.
Shrubs curl backwards
for shade.
Across the burnt grass
there is a dried pool
and beside it:
a small wooden bench
where we sit
grafting our silence
on each other's thoughts.

MANSOOR SHEIKH

—

Soorih Mirani

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪوتا

خاموشي درد جي ڳولا ۾ آهي
اسانجي چوڌاري
آواز ٻرن ٿا؛
لفظن ۾ اچڻ
۽ سنگيت ٿيڻ جي خاطر.
هاٿوڪين گرمين ۾
گل موهر مهل ڪان اڳ ڪِرڙيو آهي
ٻوٽا ڇانو جي تلاش ۾
پوٽتي مڙي ويا آهن
۽ تنجي پاسي ۾ خشڪ تلاءُ آهي
۽ انجي پير ۾
ڪاٺيءَ جي هڪ ٻيڻچ آهي
جتي اسان ويهي
پنهنجي خاموشيءَ کي
هڪ ٻي جي خيالن تي پوکيون ٿا

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## CROCODILES

From around the swamp
the for bidding vapours rise.
On one side, acacias shoot up.
The approach has been walled off.
Then in a sudden shaft of light
you see them: venerable,
weighted against the sand,
nursing their torpor.
Canines bared like tusks,
they lie,
as though the swamp
had spewed them up.

You would think them
dead or asleep.
But each primitive lozenge
of skin is watching.
In each form,
brooding on the bank,
there flickers its instant
of ravenous, lightning revival.

ADRIAN A. HUSSAIN

—

Soorih Mirani

# واڳو

سينواريل تلاءَ جي پر پاسي کان
چتاءَ ڏينڌڙ بخار اُٿن ٿا
۽ انجي ٻئي پاسي کان
ڪنڊين جا وڻ ڦٽا آهن
جڻ پيت ڪنهن وئي آهي
۽ پوءِ هڪ روشنيءَ جي لهر ۾-
سڀ ڏسجن ٿا:
جهونا
زمين تي ستيل
پنهنجي مردگيءَ جي سار لهندي
۽ سنڌن ڏند
هاٿي- ڏندن جيان ٻاهر نڪتل
جڻ سينواريل تلاءَ
ڪين توڪاري ڪڍيو هجي!!
اوهين پائيندا ڪين ستل يا مئل
ٻر سنڌن چمڙيءَ جي هيري- ڪٽي جاچي ٿي
جنهن شڪل ۾ هو تلاءُ ڪناري
چپ هنيو ويٺل ٿا ڏسجن
سو لحظو تن ۾ جوت پري ٿو
ڪنوڻ جيان
پيهر ٻنڪئي جنم وٺڻ خاطر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مسز گانڌيءَ جي موت تي

اوتار!
تون پنهنجي ماڳ پهتينءَ
چتا کي تنهنجي باهه ڏني ويئي آهي
ٻانڀڻ منتر ته پڙهي
گڏيءَ جا رنگبرنگي مٽڪا وکري ويا آهن
سڀ کان ننڍڙي ۽ ازلي سفر تي اسهڻ مهل
جمنا چپ چاپ ڪڙي هئي:
جيئن انهيءَ آڪٽوبر جي آخري صبح ڏاري
ٻوڙن جي گهاٽي جهڳٽي پويان
وقت بيهجي ويو هو.
۽ تون ڪجهه وکون ڪڍي
سج جي گهيري تائين پهتينءَ
۽ گولين سان، ماکيءَ جي ماناري جو روپ ورتئي.
رت جي چاندي جرڪي پيئي
۽ ان لهوءَ جي ميٽا جي موهيندڙ خوشبو
گهاٽي ۽ خاموش چپن تي
هلڪو پڙڪو ته
جوتش جي اهڃاڻن جو ورجاءُ بڻي.

ADRIAN A. HUSSAIN



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

**books.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهه سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu